Registered No. S. 109

رجسٽرڊ نمبر ايس. ١٠٩

توحيد کي امانت سينن ۾ ھي ھماري
ممڪن نھين مٽائڻ نام و نشان ھمارا

جلد [٢] [عدد ٩ ۽ ١٠]

توحيد

TOHEED

Literary, Religious, Historical
Monthly Magazine

June & July 1925.

Editor: Moulvi Dinmohamed Wafaie

علمي - مذهبي - تاريخي تبليغي ۽ اصلاحي

ماھوار رسالو

ذوالقعد و ذوالحج ١٣٤٣ھ

مطابق جون ۽ جولاءِ ١٩٢٥ع

مدير:- دين محمد وفائي

في پرچو	قيمت سالانو
٠-٤-٠	٣-٠-٠

الوحيد پريس ڪراچي ۾ ڇپيو

فهرست مضامين توحيد

نغمه بلبل	از سيد ساقي ٺٽوي	صفحه	١
آريه جي اعتراضن جا جواب	ايڊيٽر	"	٣
قرآن جا قسم	"	"	١٦
هڪ آريه جا متفرق سوال	"	"	١٩
پيغمبر اسلام ۽ ٽالسٽائي	مولوي چشتي صاحب	"	٢٢
گمنام خط جو جواب	از شيخ محمد عمر سنڌجوڳي	"	٢٥
نداء حق	از علامه قاضي سيد اسدالله شاه صاحب	"	٢٩
عيسائيت جي تبليغ		"	٣٢
قبول اسلام		"	٣٣
مختلف خبرون		"	٣٥
[illegible]ن [illegible]ال جو حج		"	٣٩

شڪريه معاونت

هن دفعه شڪارپوري احباب خصوصيت سان شڪريه جا حقدار آهن باوجود ڪيترين مخالفتن جي به هو توحيد جي امداد ڪي هڪ ضروري امر سمجهن ٿا - محترم مولانا عبدالڪريم صاحب چشتي ته گويا هڪ توحيدي آهي ازان سواءِ منشي غلام محمد صاحب شڪارپوري ۽ مسٽر ڪمال الدين صاحب شڪارپوري به نون خريدارن ڏيڻ سان امداد ڪئي آهي هڪ معزز دوست شڪارپوري جنهنجي نالي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي، ڇهن خريدارن جا نالا موڪلي وڌيڪ ١٦ خريدارن ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي، انهي سلسله ۾ مولوي ابو النصر مولاداد صاحب ۴-۱-۴-۰ امداد طور موڪلي پنهنجي مذهبي فرض ادا ڪرڻ سان گڏ اسانجي حوصله افزائي ڪئي آهي - جزاهم الله تعاليٰ خير الجزاء

وفائي مدير توحيد

فهرست مضامين توحيد

نغمهٔ بلبل	از سيد ثاني نقوي	صفحه	١
آريه جي اعتراض جا جواب	ايڊيٽر	"	٣
قرآن جا تفسير	"	"	١٦
چند آريه جا متفرق سوال	"	"	١٩
پيغمبر اسلام ۽ تاسڏائي	مولوي چشتي صاحب	"	٢٢
گمنام خط جو جواب	از شيخ محمد عمر سنڌجوڳي	"	٢٥
نداءِ حق	از علامه قاضي سيد اسدالله شاه صاحب	"	٢٩
عيسائيت جي تبليغ		"	٣٢
قبولِ اسلام		"	٣٣
مختلف خبرون		"	٣٥
[illegible]ال جو حج		"	٣٩

شڪريه ۽ معاونت

هن دفعه شڪارپوري احباب خصوصيت سان شڪريه جا حقدار آهن جو باوجود ڪيترن مخالفن جي به توحيد جي امداد ڪرڻ هڪ ضروري امر سمجهيو ٿا - محترم مولانا عبدالڪريم صاحب چشتي ته گويا هڪ توحيدي آهي ازان سواءِ منشي غلام محمد صاحب شڪارپوري ۽ مستر ڪمال الدين صاحب شڪارپوري به نون خريدارن [illegible] امداد ڪئي آهي هڪ معزز دوست شڪارپوري جنهن جي نالي [illegible] ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي، جنهن خريدارن جا نالا [illegible] وڏيڪ ١٦ خريدارن ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي انهي سلسلي ۾ مولوي ابوالنصر مولاداد صاحب [illegible] امداد طور موڪلي پنهنجي مذهبي فرض ادا ڪرڻ سان گڏ اسان جي حوصلا افزائي ڪئي آهي - جزاهم الله تعاليٰ خيرالجزاءِ

دفتر ماهوار توحيد

نغمهٔ بلبل

منڪلام سيد محمد زمان شاه صاحب ٺٽوي (ساقي)

قفس جو ڪول در گهٽجي ٿو اي صياد دم منهنجو
گهڻو ان اهل وطن کي آهي دل تي رنج و غم منهنجو

۲. مون ڪولي بال و پر پنهنجا ڪيو سعيو اڏامڻ جو
مگر همت ڪم نصيبيءَ کان قصا رو ڪيو قدم منهنجو

۳. حريص دانه تي دام بلا کان مان رهيس غافل
نه ڄاتم تا ڪندي غفلت خوشيءَ جو ڏينهن ختم منهنجو

۴. انهي تڪليف تنهنجي کان وڏي ٿو شوق آزادي
ڪندو ٿو ڪي تبه آخر، هي ارمان و الم منهنجو

۵. نشين سايهٔ ديوار دشمن دل نه هاڻي ٿي
جهان ۾ حرص تنهنجي ڪيو نشان آهي عدم منهنجو

۶. کلي ٿو منهنجي قسمت تان عدو منهنجو عجب آهم
هٿن سان ناحق راحت خود قريبن ڪيو قلم منهنجو

۷. جتي هوئي جاءِ بلبل جي اتي زاغ و زغن ڏسجن
جهان ۾ رشڪ جنت هو ڪڏهن باغ ارم منهنجو

۸. پريشان دفتر شيراز باد فرقه بندي کان
حسد منهنجي ڪيو مون کان گل مقصود گم منهنجو

۹. سندم نغمهٔ سرائي ڪاله هوئي جنهن قوم جي رهبر
انهي وٽ اڄ حقارت سان ٿو ڏسجي ڪارڪم منهنجو

١٠. جڏهن مرض عداوت ۾ اسير و مبتلا دل ٿي
زمانه زير باد آندو تڏهن بيت الحرم منهنجو

١١. نه طاقت آهي اعدا جي قضا جو قصور آهي
ٿيو هي تير منهنجي ڪان مڪان خود منهن ۾ منهنجو

١٢. شڪايت اڄ هڏيم هر جائي پنهنجي پست همت جي
ثنا خوان هو ڪڏهن سارو عرب منهنجو عجم منهنجو

١٣. سدا سايه فگن هو اهل عالم تي مگر دردا
نفاق باهمي کان سرنگون ٿيو اڄ علم منهنجو

١٤. جوي جي قم باذن الله نصيحت کي نٿو سمجهان
دم عيسائي جهان ۾ هو ڪڏهن آواز قم منهنجو

١٥. سواء سرڪ ڏي ساغر اي **ساقي** جو مدت کان
در خمخانه تي آهي سر تسليم خم منهنجو

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده تعالیٰ ۽ نصلي و نسلم عليٰ رسوله الڪريم

توحيد

بابت ذوالقعده ۽ ذي الحج ١٣٤٣ھ

هڪ آريه جي اعتراضن جا جواب!

دنيا - روح - ماده - وغيره تي علمي بحث

ميرپور خاص گزيٽ ۾ ڪجهه وقت کان وٺي " سنڌ جي عالمن کان سوال " انهي عنوان سان قريب ڏيڍ سؤ جي سوال ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ توحيد جي فيبروري پرچي کان وٺي انهن سوالن جا جواب قسطيون قسطيون ٿي پڌرا ٿيا آهن جوابن جي ترتيب ۽ نوعيت اهڙي نموني تي رکيل آهي جو تحقيقي جواب کان سواءِ ان سان گڏ الزامي جواب به ڏنل هليو اچي ٿو، فقط هن اميد تي ته ڏسون ته سنڌ جا آريه پنهنجي ڌرم جي بچاءَ ۾ ڪهڙا قدم کڻن ٿا، آخر گهڻي انتظار کان پوءِ تازو ميرپور خاص گزيٽ جي ١٣ مئي واري پرچي ۾ توحيد جي مارچ وارن جوابن تي ڪجهه اعتراض ڪيا ويا آهن، اهي اعتراض ڏسي اسانکي هن ڪري ڏاڍي مسرت پهتي آهي جو آرين جي ليڊرن ۽ علمي لياقت جو سارو راز کلي پيو آهي ۽ اسانکي يقين ٿيو آهي ته آرين ۾ علمي قابليت اصل ڪانه آهي فقط اهو ڪوڙ ٻڌو وڙهڻي ماڻهن کي ڀرمائڻ

۽ ڏاڍا ڄاڻا ڪ آهن، ٻيا مذهب ته جڏهن ٻين ٻنهي جي ڌرم ۽ ٻنهي جي گهر جي ۽ خبر ڪان اٿن - ازان سواءِ جيڪي ۽ اسان متن الزامي دليل سنڌ ن مذهب مان قائم ڪيا آهن انهن جي جواب کان ميرپوري آريه نه فقط ڏڪو ڪو ٿيل آهي ۽ بالڪل گنگو بڻجي پيو آهي - سندس جوڻ آهي ته " قران، حديث مان جواب ملي " اسانجو جوڻ آهي ته سڀ ڪنهن ماڻهو ن سان سندس هڏي يا عقل موافق ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي، جنهن صورت ۾ مان هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ جواب لکي رهيو ن آهن ته ڪيس ياد رکڻ گهرجي ته قران ۽ حديث جي برخلاف ڪجهه لکڻ جي جرات نه ڪندس ۽ اسان مناسب ائين سمجهيو آهي ته عام فهم ڏه جواب ائين ڏنا وڃن جئين درج ٿي چڪا آهن ۽ انهن جي تائيد هندو ۽ آريه ڌرم سان ڪٿي وڃي ته پل جگهي طرح غير مسلمان جي ۽ سمجهه ۽ فهم ۾ اچي وڃن، ائين نه آهي ته انهن معمولي هيات سوالن جا جواب قران يا حديث ۾ ڪو نه آهن جئين آريه جو عقل، اندي فتوي ڏئي رهيو آهي، قران پاڪ ۾ اڳيان پويان علوم موجود آهن مگر انصاف ۽ سمجهه جي ضرورت آهي، اکين ۽ بصيرت جي گهرج آهي، جي ماڻهو هڪ معمولي عبارت جي سمجهڻ ۾ ويا گهيتا کائن ۽ اوپاسيو ن ڏين اُهي عميق علمي مسئلن کي ڇا سمجهندا. حيرت ته وري هي ۽ آهي جو هڪ طرف لکي ٿو ته قران حديث ملن جواب ڪو نه ڏنا ويا آهن وري توحيد جي جوابن تي تنقيد يا سوالوجنا ڪندي لکي ٿو ته "صفا ظاهر آهي ته اسلام، قران ۽ قراني الله ميان کي سائنس جي س جي ۽ بوجهه نه آهي" گويا هي سندس اقرار آهي ته توحيد وارا جواب قران مان ڏنا ويا آهن جنهن کان ٿورو اڳ ۾ انڪار ڪري چڪو آهي، هي آهي آريه صاحب جي دماغي حالت ۽ ذهني ڪيفيت!

(۱) جوي ٿو ته جيڪڏهن آتمائون ۽ جگت ڪين مان پيدا ٿيو ته اُئي مري ۽ ڪين ٿي ويندا جي ائين آهي ته پوءِ جگن ڪرمن جي

سزا جزا قيامت ۾ ڏوهن جي پڇاڙي جو سوال ئي نہ رهندو، جو تہ نہ هوندي آتما ۽ نہ هوندو حساب ڪتاب. سندس مطلب آهي تہ جا شيءِ ڪين مان ٺهيل آهي اها وري بہ ڪين ٿي ويندي ۽ ڪين ٿيل شيءِ کي وري خدا نہ وجود ۾ آڻي سگهندو ۽ نہ اُن کان سوال جواب ڪري سگهندو، مگر هي اهو جهڙو توروئي ويچار ڪري ها تہ ڄاڻس هي راز پڌرو ٿي پوي ها تہ جنهن قادر مطلق ڪين مان بڻايو آهي تہ اُهو وري فنا ڪري بہ دوبارہ قيامت لاءِ اٿاري ۽ موجود ڪري سگهي ٿو. ائين تہ ڪنهن بہ ڌرم يا منطق جو اصول ڪونہ آهي تہ جا نيست مان هست ٿي تہ اها نيست ٿيڻ کان پوءِ وري اصل لهي نٿي سگهي. آريہ ڌرم موجب دنيا جا چڪر يعني پرلي کان پوءِ دنيا ۽ ۽ دنيا کانپوءِ پرلي هميشہ هلندو ايندو ۽ جا پرلي فنا يا نيست نہ آهي؟ جي آهي تہ پوءِ اُها وري دوبارہ ڪئن هست ٿي ۽ اهو قاعدو ڪاڏي ويو جو لکي ٿو تہ جي ڪين ٿي ويندا تہ نہ هوندي آتما ۽ نہ هوندو حساب ڪتاب" جنهنجو مطلب آهي تہ فنا ٿيل شيءِ وري وجود ۾ نہ ٿي اچي سگهي -

سوامي ديانند صاحب لکي ٿو تہ "جيئن رات کان پوءِ ڏينهن ۽ ڏينهن کان پوءِ رات هلي اچي ٿي اهڙيءَ طرح پيدائش کان پوءِ پرلي (فنا) ۽ فنا کان پوءِ پيدائش ازلي زماني کان اهو دور هليو اچي ٿو" (ستيارٿ پرڪاش صفحہ ١٩٥ باب ٨).

سوامي صاحب تہ فنا کي ازلي بہ مڃي ٿو پر ان کانپوءِ بہ پيدائش جو قائل آهي مگر هي ويچارو آريہ ڪين ٿيڻ کانپوءِ مايوس ۽ نااميد ٿي ويهي رهي ٿو تہ پوءِ ڪوبہ پيدا ڪونہ ٿيندو نہ ڪو حساب نہ ڪو ڪتاب! واهہ مهاراج واهہ !!

ازان سواءِ ائين ڪٿي آهي تہ موت کان پوءِ روح بہ فنا ٿي ويندو! افسوس ساري مضمون جي سمجهڻ ۾ مُنجهي پيو آهي !!

(٢) لکي ٿو تہ پلا جي جڳت ڪين مان بڻيان تہ ان کان اڳي

الله ميان جا جو مالڪ هو، ۽ ان ڪان اڳي نڪمو ۽ بيڪار ويٺو هو جا ؟ ورتي ۾ اتمائن ۽ جڳت جي ڪين تيرڻ ڪانپوءِ نڪمو ۽ بيڪار رهندو جا ؟

مهاراج توکي خبر نہ آهي تہ الله تعالي جون مختلف صفتون آهن جن مان وحدانيت ۽ علم ۽ خالقيت وغيره صفات وقت بوقت پنهنجون ظهور ڪنديون رهن ٿيون دنيا جڏهن ڪين هُئي تڏهن الله تعالي جي وحدت واري صفت جو ظهور هو ۽ جيڪي ٿيو ۽ جيڪي ٿيندو ۽ جيڪي ٿي رهيو آهي اهو سڀ ڪجهہ الله تعالي جي علم ازلي يا قديم ۾ موجود آهي جو تہ الله تعالي زمانہ ماضي، حال ۽ استقبال کان پاڪ آهي، جيڪي شيون اسانجي سامهون نيست يا ڪين آهن اُهي ممڪن الوجود يا فاني هستيون سندس علم ازلي ۾ هيون ۽ انهيءَ علم جي موافق سندس ارادي واري صفت موجب هي دنيا نيست مان هست ٿي، هن مختصر مگر پرمعني عبارت کي اوهان غور ڪندؤ تہ مهاشير جو سارو اعتراض اُڏري ويندو. حاصل مطلب هي آهي تہ الله تعالیٰ جون ڪي صفتون هڪ ٻئي جي مخالف ۾ آهن جهڙين مارڻ - جيارڻ - يا پيدا ڪرڻ ۽ نہ پيدا ڪرڻ. آريہ جي ٻوليءَ ۾ ان کي جڙبو آهي اتپتي ۽ پرلي - گويا خدا تعالیٰ دنيا جي نيست وقت پنهنجي فنا ڪرڻ واريءَ صفت جو مالڪ هو ۽ دنيا جي هست وقت هو خالقيت واري صفت جو مالڪ آهي اهي صفات ازلي آهن مگر هنن جا مختلف وقتن تي ظهور ۽ ڏور ٿين ٿا تنهنڪري الله تعالیٰ پنهنجي صفتن ۾ ڪڏهن نڪمو ۽ بيڪار نہ آهي، هي اهڙو مذهبي مسئلہ آهي جنهن کان ڪو بہ سمجهدار انڪار ڪو نہ ڪري سگهندو باقي آريہ تہ مها پرلي (وڏي فنا) وقت خدا کي بيڪار يا بلا فعل مڃين ٿا، اگرچہ خدا لاءِ سمهڻ يا ننڊ ڪرڻ ناجائز آهي پر آريہ ڌرم جي ڪتابن ۾ مها پرلي ۾ هم راتري جيوو جي تو يعني خدا جي رات جنهن ۾ هو آرام ڪري ٿو منو صاحب فرمائي ٿو ديوتا مڻن جي هزار جي برابر برهما جو هڪ ڏينهن ٿيندو آهي ۽ ايڏي ئي رات هوندي آهي ۽ برهما پنهنجي ڏينهن ۾

پنهنجو ڪم ڪندو آهي ۽ رات جو سمهندو آهي جڏهن جاڳندو
آهي تڏهن سنڪلپ ٻڪلپ روپ من کي دنيا جي ناهڻ واسطي حڪم
ڪندو آهي (منو سمرتي باب پهريون منتر ١٢ - ١٤) .

آرين وٽ اگرچه ٻيا پرلي وقت سندن پرميشور نڪمو ٿيو پوي
مگر اسلام ۾ دنيا جي فنا وقت خدائي صفات جو دنيا جي ڊاهڻ ۽ دوباره
ناهڻ جي صورت ۾ ظهور ٿيندو جنهن کي ڪو به انسان تعطيل يا بيڪاري
ڪو نه چئي سگهي ٿو -

(٣) ٻتڙي شيءِ (مادو) ڪٿان آئي ، اها ڪٿين مان آئي يا
اصلي هئي ، الله ميان جيو ته " ٿي پؤ " تڏهن ٿي يا اصلي هئي ؟

توحيد وارو جواب جيڪڏهين ٿورسان ٻڌجو ته پوءِ اهو اعتراض
قائم رهي نه سگهندو ، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته " الله تعالي قادر مطلق
آهي دنيا کي نيست مان هست ڪيائين يعني جڏهن ڪجهه به نه هو
۽ اڪيلو الله تعالي پنهنجي صفات قديم سان هو تڏهن پنهنجي قدرت
مان هن دنيا کي بڻايائين " جنهن مان ظاهر آهي ته دنيا جو مادو به خدا
جي مخلوق آهي جنهن پنهنجي ارادي سان صفت خالقيت جو جلوه
ڏيکاريو ۽ ماده ۽ مخلوقات کي ظاهر ڪيو - باقي لفظ " ڪن " يا ٿي پؤ
جو قرآن پاڪ ۾ موجودات لاءِ آيل آهي اهو فقط انسان جي سمجهائڻ لاءِ
آهي يعني ته الله ڪنهن به شيءِ کي تمام جلدي کان جلدي حالت ۾
پيدا ڪري سگهي ٿو هي مطلب اصل ڪو نه آهي ته الله تعالي ان لفظ
جوڙڻ ڏانهن ڪو محتاج آهي جنهن کي جاهل سمجهي اجايو اعتراض
ڪندا آهن -

(٤) لکي ٿو ته سائنس اهو ثابت ڪيو آهي ته مادو اصلي ڪ آدرش نه
ڏسڻ ۾ ايندڙ ڪڻس هئي جنهن مان باقي غبار بڻيو ڏيري ڏير ان
ٻرندڙ ڪڻس جي شڪل ورتي . هي ڌرتي - جنهن ۾ سج جي جو ڏاري
پيا گهمندڙ گره ، ڪنهن وقت سج وانگيان ٻرندڙ ڪڻس جا گولا هوا -
موجوده سائنس جي اٽڪل پازن ائين جيو آهي يا ويد مقدس ۽

ستيارٿ پرڪاش ۾ ائين چوي ٿو جيڪڏهن هن آريه جو ايمان فقط سائنس تي آهي ته پوءِ ويدڪ ڌرم جا ڪيترا مسئلا اهڙا به آهن جي موجوده سائنس جي مخالف آهن ، جيئن هن ميڪشيه جو چوڻ آهي ته موجوده سائنس موجب سج هڪ پرندڙ گئس ۽ گولو آهي يعني ته هن آتشين گولي ۾ ڪو به جاندار رهي نٿو سگهي جيئن ڌرتي جي نريل گولي ۾ حيوان رهن ٿا . مگر سوامي ديانند صاحب ستيارٿ پرڪاش ۾ سائنس جي انهي قاعدي جي برخلاف وچي پنهنجي عقلمندي جو هن طرح ثبوت ڏنو آهي فرمائي ٿو "

سوال - سج - چنڊ - چنڊ - تارا ڪهڙي شي آهن ۽ انهن ۾ انسان وغيره جي آبادي آهي يا نه ؟

جواب - اهي سب ڪره آهن ۽ انهن ۾ انسان ۽ پيا رهن ٿا - اگتي ۾ لکي ٿو ته جڏهن هي سج چنڊ ۽ تارا به زمين وانگر آهن تڏهن انهن ۾ اهڙي ريت هجڻ ۾ ڪهڙو شڪ آهي (ستيارٿ پرڪاش باب ٨ صف ٣٠٣) .

هڏ ته توکي هڪڙي پٽي ڳالهه پڌايان ته موجوده سائنس آسمان جي وجود جي منڪر آهي خود هن گذريل عبارت ۾ به تو ائين ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته پرندڙ گئس مان مختلف گولا ٺهي پيا ڌرتي وغيره ۾ آسمان جو ذالو ڪو نه آيل آهي ، مگر مان توکي پڌايان ٿو ته جنهن شي کي تون ماڌو ڪوٺي ۽ ان مان گهر ويني گولا بڻائي رهيو آهين ، ان بابت سوامي ديانند جو خيال به مطالع ڪندو وچ - فرمائي ٿو

"حقيقت ۾ آسمان جي پيداش نه آهي (بلڪ هو قديم آهي) جو ته آسمان ڪالسواه پرڪرتي ۽ پرمانو وري ڪٿي رهي سگهن ٿا - (ستيارٿ پرڪاش باب ٨ صف ٢٩٠) "

هت ته سوامي صاحب هٺي سائنس جو ڍينگهوئي ڍيري

ڪري وڌو، ايتريقدر فرمائي ڇڏيو ته مادو آسمان کانسواءِ رهي نٿو سگهي پر جيڪڏهن مادو آرين جي خيال موجب غير مخلوق ۽ ازلي ڄمبو ته آسمان سندس پرڇاڏو ازلي ڄمبو! هوڏانهن موجوده سائنس آسمان جي وجود ئي نٿي لکي، ڀلايو ته سوامي صاحب جنهنکي ويد جي علومن جو وڏو ماهر ۽ وڏوان سمجهيو وڃي ٿو ان کي ته سائنس جي "س" جي به پروه ڪانه آهي، "کهو به کون ڏرم پيي"

مادي جي متعلق توحيد پرڏيڪاريل هو ته هو هڪ ٻڙي شئي هئي جا پوءِ منجمد ٿي پئي ۽ ان مان دنيا جو سلسلو شروع ٿيو، توحيد پر ائين به ڏيکاريل هو ته فلاسفرن ۽ حڪيمن جا جيترا پراڻا قول آهن اُهي به قريب قريب اسلام جي انهيءَ عقيدي جي تصديق ڪن ٿا" غور ڪجي ته موجوده سائنس هڪ لطيف سيال يعني وهندڙ گيس کي اصل مادو جو جٺي رهي آهي جو اسانجي قول جي بالڪل برخلاف نه آهي اهڙيطرح سوامي ديانند صاحب به فرمائي ٿو ته "جڏهن دنيا جي پيدا ڪرڻ جو وقت ايندو آهي تڏهن پرميشور نهايت لطيف جزن يا وجودن کي ڪٺو ڪندو آهي (ستيارٿ پرڪاش صفحه ٢٩٣ باب ٨) پرميشور انهن جزن کي ڪٿان ڪٺو ڪندو آهي يا پيرن سان ان جو جواب آريه ڏيندا! مگر سوامي جي ڪلام مان ٿي ته صاف ثابت آهي ته مادو نهايت لطيف شئي آهي جنهن مان اسانجي ڳالهه جي تائيد ٿي رهي آهي-

توحيد پر انهي جواب پر هي به ڏيکاريو ويو هو "سوامي ديانند لکي ٿو "هن مخلوقات کان پهريان فقط هڪ پرميشر هو ٻئي ڪا شئي ڪانه هئي (پوڪا اردو صفحه ٥٣) سوامي جي انهي قول مان آرين جو هڪ عقيدو باطل ٿي ويو جو چوندا آهن ته روح (آتما) مادو (پراڪرتي) قديم آهي" مگر افسوس جو هي مهاراج انهي اعتراض جي جواب کان گنگو ٻوڙو رهجي ويو آهي-

(٤) ڊنو پنهنجي ڪري هڪ اعتراض جو جواب ڏئي ٿو ته "ايشور سرو شڪتي مان (قادر مطلق) آهي مگر هو ڪين مان اتپتي (مخلوق)

نٿو ڪري سگهي، ۽ نه عقل ۽ سائنس اها ڳالهه مڃي ٿو -
ڏوڙهي امڙي عقل تي جو الله تعاليٰ کي قادر مطلق به مڃي مگر وري
هن کي نيست يا ڪين مان هست ڪرڻ جي قدرت به نٿو سمجهي،
عقل ته هيئن چوي ٿو ته جيڪڏهن خدا روح ۽ مادي جو خالق نه آهي ته پوءِ هن
جو مالڪ به نه آهي، جڏهن هو مالڪ نه ٿيو ته پوءِ جيڪا مخلوقات
جي مٿان حڪومت ڪري ٿو ته اها سندس ظلم چئبي جو ته حڪومت
ڪرڻ جو لائق فقط حقيقي مالڪ آهي نه ٻيو ڪو - اهو ئي ماري،
جياري، اهو ئي جزا سزا ڏئي سگهي ٿو ٻئي ڪنهن کي ڪو اختيار
ڪونه آهي - جيڪڏهن امڙي ٻيڪار پرميشور کي سمورا روح ڳڌهي
جون ته مها راج! اسان پنهنجي حالت ۾ چڱا آهيون اسانکي وجود
۾ اچڻ جي ضرورت ڪانه آهي، اسان کي ظالمانه طرح انهي آوا ڳون
کڻي ۾ وجهي مفت خراب نه ڪر، اسان انهي چڪر ۾ جا ڪي
جي ڏڳي وانگر پيا ڦرون تنهنڪري اسان کي پنهنجي انهن زبردستن
واري حڪومت کان معافي ڏي جنهن اسان جي ستياناس ڪري
ڇڏي آهي - جو ته اسان ئي تنهنجي ڪارخانه هلائڻ لاءِ مجبور
آهيون ته ڪڏهن ڳڌه پئجون ته ڪڏهن گهوڙا، اسانکي ڳڌه پئجڻو
نه آهي مها راج! معاف ڪر!! اسانجي خيال ۾ روحن جي امڙي
گهر جو آريه صاحب ويد ۽ وديا موجب ڪو جواب ڪونه ڏئي سگهندا،
ڏين به ڪهڙو جڏهن ايشور سندن نه آهي خالق ته پوءِ ڪيئن ڪنهن
تي مالڪيت جي دعوي رکي حڪومت ڪرڻ جو به ڪو حق ڪونه
آهي -

ڪي آريه ظاهري انساني مالڪيت ۽ خدا جي مالڪيت کي
هڪ جهڙو ڪري سمجهندا آهن مگر اها غلط سمجهه آهي جو ته انسان
حقيقت ۾ ڪنهن شيءِ جو مالڪ نه آهي بلڪ ظاهر ۾ ڪجهه وقت لاءِ
مالڪ آهي مگر جڏهن حقيقي مالڪ گهري ته اها اسانکان جدا ڪري
سگهي ٿو - انسان جي مالڪيت جو پتو هن شعر مان پئجي سگهي ٿو -

ڊرحقيقت مالڪ هر شيءِ خدا است - اين امانت چند روزي نزد ماست

قادر مطلق جي بابت سوامي ديانند جيڪي گهوڙا هڻيا آهن جيڪڏهن آريه صاحب ان بابت ڪي ڇيڙيندو ته اسان پوءِ به حاضر آهيون ۔

(٥) چوي ٿو ته پرماتما (خدا) آتما (روح) ۽ مادو (ازلي) آهن ۽ هميشه ٿا هئڻ رهندا "

سوامي ديانند صاحب به ستيارٿ پرڪاش ۾ روح - مادہ - خدا کي هڪ جهڙو ازلي مڃيو آهي (صفحه ٢٨٣) مگر پوءِ وري انهن ٽن جي بجاءِ ڇهن کي ازلي لکيو اٿس - روح - مادہ - خدا آڪاش (آسمان) زمانه - (صفحه ٢٧٥) آڪاش جي ازلي يا انت ڪال هجڻ تي دليل ڏنو اٿس ته آڪاش کان سواءِ پرڪرتي ۽ پرمانو ڪٿي رهي سگهندا "- ۔ هن مان ثابت آهي ته روح ۽ مادہ مخلوق آهن جو ته هو آڪاش جي ٽيڪ تي ئي بيهي سگهن ٿا ۽ شيءِ ڏاري جي سهاري يا ٽيڪ تي بيهي ٿي اها ازلي يا انت ڪال نٿي ٿي سگهي جو ته سوامي درشنانند ڪتاب وشيشڪ درشن جي صفحه ١١٦ ۾ لکيو آهي ته جا شيءِ پنهنجي هستي واسطي ڪنهن ڪارڻ يا ڪارڻ جي محتاج هجي اها ممڪن الوجود آهي يعني فاني يا ناپائدار آهي گويا روح مادو خود آريه ڌرم جي قولن موجب ناپائدار ثابت ٿيو، ازانسواءِ سوامي ديانند رگويد آدي ڀوشيه ڪا اردو صفحه ٧٦ ۾ آسمان کي مخلوق مڃيو آهي سندس عبارت هي آهي " خدا هي قدرت آڪاش صورت مان آسمان پيدا ٿيو "

مهاراج ڪٿين ٿو پائين آريه ڌرم جو ڪو پتو اٿئي جاتو پولي ۽ تون جاتو پولين - من چه ميگويم و طنبوره من چه ميگويد "

(٦) لکي ٿو ته قرآن ۾ لکيل آهي ته حمل لڳڻ کان ڌرتي جهولڻ لاءِ ميخون آهن " اها گهجهارت نه آهي ؟ اهو جهه آريه! ان آيت ۾ ڪا گهجهارت ڪانه آهي، الله تعالي انسان تي پنهنجون نعمتون بيان ڪندي فرمائي ٿو ته اسان زمين کي فرش ۽ جبلن کي ميخون نه

ٻڌايو ڇا ؟ جنهنجو مطلب آهي تہ انسان جي آرام سان رهڻ لاءِ زمين کي فرش بڻايو ويو آهي جو تہ جيڪڏهن هوا وانگر هلڪڙي يا پاڻي وانگر نرم هجي ها، ڪي باهہ وانگر گرم هجي تہ انسان ان تي ڪڏهن بہ گذاري نہ سگهن ها، اها خدا جي هڪ عظيم الشان نعمت انسان جي لاءِ آهي، زمين بہ گراڻ يا بار پيدا ڪرڻ لاءِ مٿس جبل رکيا ويا تہ هو جبلن جي بار ڪري پنهنجي پوري انداز تي چڪر ڪاٽيندي رهي ۽ اهڙيطرح حرڪت ڪري جنهن مٿس رهندڙن کي لغزش نہ پهچي، جيئن ڪنهن پيڙي جي پوري رفتار قائم رکڻ لاءِ منجهس وزن ڌارِيون وجهي ان جي رفتار کي پورو قائم رکيو ويندو آهي، جيڪڏهن زمين کي هڪ ساڪن چئجي جيئن ڪن حڪيمن جو قول تہ بہ آيت جو مطلب وصاف آهي ڪا گهڻي ڦيرڦار ۽ تڪليف ڪانہ آهي، مگر هن متعصب آريہ کي هجي سمجهہ تہ سمجهي -

(٧) چوي ٿو تہ پرماتما پنهنجي گيان ويد ڏواران چاڙهيو آهي تہ جسمت مڙهوئي چار ارب ٣٢ ڪروڙ ورهيہ ٽڪيو رهندو - اسان مهاراج صاحب کي پورا پنج روپيا انعام ڏينداسون جيڪڏهن ويد مان ڪو اهڙو منتر پيش ڪري جنهن ۾ صاف طرح سندس مٿي دعوي بابت اشارو چاڙهيل هجي، اٽڪل بازي ۽ ڇڪ تاڻ ڪري معني مروٽي سروٽي مطلب پيدا ڪرڻ بہ نہ آهي صاف سڌي عبارت جي ضرورت آهي ڏسون تہ مهاراج ڇا ٿو ان بابت بولي !

(٨) چوي ٿو تہ اسلام جو وسام آهي تہ آتما مٿي کان پوءِ جڳت جي پڇاڙي تائين بند رهندي ۽ ڏاڍن ڏرم ۽ اڌرم جي پڇا ٿيندي اگر مهاراج کي گهربو هو تہ اسلام جي انهي عقيدي يا وسواس تي ڪنهن اسلامي ڪتاب مان ڪو دليل آڻي ها باقي جيڪڏهن اٽڪل بازي تي زور هڻندو ۽ پنهنجي دل خوش ڪندو ويندو تہ ان مان

اسلام تي ڪوبہ حرف اچي ڪونہ سگهي ٿو مرڳوئي سندس جهالت
پڌري ٿئي ٿي .

(٩) اعتراض ڪري ٿو تہ قيامت ۾ تہ رڳو حساب ڪتاب ٿيندو
پوءِ اتي نيڪ ڪمن جو وجهہ ڪٿي ملندو ۽ جو بهشت وڃبي !
رڌ اڳيان رباب وڄائيندي ورهہ ٿيا ، مهاشيہ ! توکي توحيد جي
معرفت سمجهايو ويو آهي تہ هي دنيا آخرة جي کيتي آهي جيڪي
پوکبو سو لڻبو ، قيامت ۾ هن دنيا جي عملن جو ئي حساب ٿيندو
۽ انهن جي عوض ۾ بهشت يا دوزخ جي سزا ملندي اهڙي ڳالهہ
سولي جي سمجهڻ ۾ مهاراج جو منجهي پوڻ بالڪل حيرت انگيز
آهي ۽ سندس بي سمجهي لاءِ اها مٿي عبارت هڪ زبردست ثبوت آهي،

(١٠) بهشت ۾ يا دوزخ ۾ هميشہ رهڻ واري ڳالهہ تي اعتراض
ڪندي لکيو تہ جڳا يا بڇڙا ڪم محدود آهن تنهنڪري محدود
ڪمن تي هميشہ لاءِ سرڳ ۽ نرڳ ۾ موڪلڻ الله ميان جي
انصاف تي داغ نہ آهي ؟

انهيءَ اعتراض جي جواب جو هڪ حصو اسان توحيد جي نمبر ٥
جلد ٢ ۾ ڏئي چڪا آهيون جنهن جي بعينه هي عبارت آهي تہ الله
تعالىٰ غفور رحيم آهي ٿورن عملن تي بي انتها انعام ڏيندو جو تہ
سهڪو ڏاتار پنهنجي طاقت ۽ همت آهر ڏات ڏيندو آهي ، تنهنڪري
الله تعالىٰ جيڪڏهن پنهنجي بي انتهي رحمت مان هميشه جي سک
يا نجات وارو عيش انسان کي عطا ڪيو تہ ان ۾ ڪهڙي بي انصافي
آهي - واڻيا وڪال هميشہ پنهنجي سمجهہ تي قياس ڪندا آهن -
مهراج کي يقين ڪرڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ نعوذ بالله ڪو واڻيو
وڪال ڪونہ آهي جو دائمي مڪتي ڏيڻ سان ڪو سندس ڏنڌي
کي لوڏو اچي ويندو يا سندس رحمت وارو خزانو کٽي پوندو -
آرين جي گرو سوامي ديانند ساڳوئي خيال ظاهر ڪيو آهي جيئن
ستيارٿ پرڪاش جي باب ٩ ۾ لکي ٿو تہ " هر روز مٺو کائڻ طبيعت

تي گهرو ٿي پوندو آهي - هميشه جوتڪاري وارين صورتن ايشور جو ڏيوالو نڪري ويندو ۽ جيو ته پوءِ هو روح ڪڏهن آئيندو ۽ خدا جي ذات ۾ ملي وڃڻ سبب ۾ پڏي مرڻ جي ڀڄاءُ آهي "

هي آهن بي علميءَ ۽ بي سمجهيءَ جا ڪل جهيڙا دليل جن تي آرين کي ڏاڍو فخر آهي - اسان جو چوڻ آهي ته جڏهن انسان مرڻ گناهه ۽ سڀني پاپن جي ميراڻ کان پاڪ ٿي بالڪل خدا جي محبت ۾ فنا ٿي وڃي ٿو پنهنجي مالڪ جي ديدار ۾ مگهن رهي ٿو ۽ اُنو بلند درجو ملڪي الله تعاليٰ جي طرفان مهرباني طرح ڏنو وڃي ٿو ته پوءِ انهي عظيم الشان عزت واري درجي تان هن کي لهي ۽ موٽي اچڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ بهشت وارو سک ڪنهن گهڙ جو نالو نه آهي جنهنجي ڪاڻ کان انسان گهبرائجي پوي. جڏهن ديانند صاحب پنهنجي نديڙي سمجهه موجب سمجهيو هو، اهڙي طرح اسلام جو قادر مطلق (پلسرو شڪتيمان) آهي جو آرين جي ايشور وانگي ڏيوالي ڪيڻ وغيره کان بالڪل برتر ۽ بلند تر آهي - سوامي ويچارو هوائي پڙهيو پوءِ پنهنجي پڏيءَ موجب ويو آهي لاچارو لاهيندو "فڪر هر ڪس بقدر همت اوست"

آريه ڌرم ۾ مڪتي يا نجات جو جيڪو زمانو بيان ڪيو وڃي ٿو اُهو نه فقط حيرت ۾ وجهندڙ آهي پر انسان جي ته وهم ۽ گمان ۾ به ٿي نٿو اچي سگهي! سوامي ديانند صاحب فرمائي ٿو ته مڪتي جو زمانو جيتري دنيا جي مدت يا عمر آهي اُنجي ڇٽيهه هزار ڀيرا فنا ۽ پيدائش جي برابر آهي. ايتري عرصي تائين روحن جو ڇٽل رهڻ تمام گهٽ ڳالهه آهي ڇا؟ (ستيارٿ پرڪاش) هاڻي هي مهاشيه ڪٿي حساب لڳائي ته سندن گروءَ جي حساب موجب روح جي مڪتي يا نجات جو ڪيترو زمانو ٿئي ٿو-

آريه ڌرم موجب هن دنيا جي عمر ۴ ارب ۽ ۳۲ ڪروڙ سال آهي ۽ ايترو ئي زمانو فنا يا پرلئي جو آهي. گويا دنيا جي فنا ۽ بقا جو دور ۸ ارب ۶۴ ڪروڙ سال آهي هاڻي ۳۶ هزار دورن جو

عرصو هيٺين رهڻ ٿيندو ۳۱۱۰۴۰۰،۰۰،۰۰،۰۰،۰۰۰
ٻڌايو ته هاڻي ايترا ورهيه جو وياپارو نندڙو روح مڪتي حاصل
ڪندو ته سوامي جي خيال موجب مذهبي بيزار نه ٿيندو ڇا ؟ ۽
ايڏي سک جو ٻار ڪٽي سگهندو ؟ جي ڪٽي سگهندو ته پوءِ دائمي مڪتي
يا هميشه واري ڇوٽڪاري ۾ ڪهڙي مشڪل آهي جنهن کان آريه ڪنهي
۽ ڏکي رهيا آهن -

مهاشيه جو چوڻ آهي ته هزارن ورهن تائين روح جو هڪ هند
قيد رهڻ ڏاڍو مشڪل آهي مگر اسان ته ڪائونس پڇون ٿا ته آريه ڌرم
موجب هڪ هزار چترېگي دنيا جي فنا واري وقت ۾ روح وياپارو
ڪٽي قيد رهندو ۽ اهو قيد هن لاءِ نسورو دوزخ نه ٿيندو ؟ هزار چترېگي
جو زمانو آريه ڌرم موجب آهي ۴ ارب ۳۲ ڪروڙ (ڏسو ستيارٿ
جو حاشيه صفحه ۹۸۹) يا وري هڪڙو روح چار ارب ۳۲ ڪروڙ
دنيا جي بقاءِ وارو زمانو بد ڪاريون ڪندو ۽ مختلف جنمن يعني ڪتن
ٻان - جيتن، نانگن ، وڇن ۾ وتي ايذاءِ پسندو ته اهو ڏکو عرصو عذاب
ڪرڻ آريه جي ايشور جي انصاف تي داغ نه آهي ڇا ؟

(۱۱) دنيا جي پيدائش جي سبب تي اعتراض ڪندي لکي
ٿو ته الله تعاليٰ کي ڪهڙي ضرورت هئي بندگي ڪرائڻ جي ؟ موگهي
مها راج ! اسان توحيد ۾ صاف ڄاڻايو هو ته الله تعاليٰ کي اسان جي
بندگي جي اصلا ڪاڻ ڪانه آهي مگر انسان لاءِ هي ضروري آهي ته الله
تعاليٰ کي سڃاڻي ۽ سندس فرمانبرداري ڪري ۽ نيڪ عمل ڌاري
جنهنجي معني آهي بندگي جيئن ته خود مهاشيه انهي مضمون ۾ اڳتي
هاي قبول ڪيو آهي ته ”موهمو هي دنيا ڪرم ڪيتر آهي جنهن ۾ آتما
ڪرم ڪرڻ آئي ۽ نه راند روند ڪري اجايو وقت وڃائڻ آئي آهي -
پس اسان جو به اهو مطلب آهي ، مگر هي جاهل هئي جي ڳالهه سمجهي
ٿو ته ! سوامي ديانند صاحب جي ڏاڍي واکاڻ ڪندا آهن ته وڏو ودوان
هو مگر دنيا جو پيدا ٿيڻ جي جواب ۾ مذهبي ايهي رهيو آهي - سندس

لفظ هي آهن (سوال) دنيا کي بڻائڻ سان پرميشور کي ڪهڙي غرض هئي -
جواب - نه بڻائڻ ۾ ڪهڙي غرض هئي " - گويا ويدڪ ڌرم دنيا جي
پيدائش واري سبب کان بلڪل گنگو آهي ۽ هن جي خيال ۾ خدا
مجبور هو ته ضرور دنيا بڻائي . جي نه بڻائي ها ته ڪم نه هلي ها ڏسو
تحقيق لاءِ ستيارٿ پرڪاش صفحه ٢٨١ -

(١٢) ڪي ٿورا ويچار وارن لوڪ ته ائين چوڻ ٿا ته ايشور
دنيا کي هميشه لاءِ پرلي ڪان پوءِ بڻائي ٿو ته اڳين ڪرمن جو ڦل آتما
پوگي - مگر اسانجو چوڻ آهي ته سڀ کان اڳ ۾ دنيا آهي يا پرلي ؟
جي پرلي آهي ته سوامي دنيا ستيارٿ پرڪاش ۾ لکي ٿو ته پرلي ۾ ته
جيو اهڙي طرح بيڪار ۽ نڪما پيا هوندا جئن ڪو گهري ننڊ ۾ پيو
هوندو آهي (صفحه ٢٨١) انهي نڪمي واري حالت ۾ هنن ڪهڙو
گناهه ڪيو جو ڪين سزا لوڙا ئڻ لاءِ جنم ڏنو ويو ۽ دنيا پيدا ڪئي
وئي - ۽ جيڪڏهن اڳ ۾ دنيا آهي نه پرلي ته پوءِ آريه ڌرم
موجب پيدائش جي جا علت ۽ سبب آهي اهو فوت ٿي وڃي ٿو يعني
ته دنيا هن لاءِ ٿي ته پرلي کان پهريان جي گناهه انسان ڪيا آهن
انهن جي هن کي سزا ڏني وڃي ٿو ڏهن انهي مقرر ڪيل صورت ۾
اول ۾ نه پرلي هئي ۽ نه ان کان پهريان پيدائش . بلڪ سڀ کان پهريان
پيدائش فرض ڪئي وئي آهي . بهرحال آريه ورت دنيا جي پيدائش
جو مسئلو دور ۽ تسلسل تي بيٺل آهي يعني پيدائش کان اڳ ۾ فنا ۽ فنا
کان اڳ ۾ پيدائش جنهنجي ڪا انتها ۽ ابتدا ڪا نه آهي ۽ علم
منطق جو قانون آهي ته جو دليل اهڙي قسم جو هوندو آهي جنهنجي بناه دور ۽
تسلسل تي بيٺل هوندي آهي ته اهو باطل آهي تنهنڪري دنيا جو پيدا ٿي ۽ ڪئن
پيدا ٿي اهو مسئلو آريه ورت لاءِ ينحل ۽ بالڪل مشڪل آهي . سوامي
ديانند صاحب دنيا جي آغاز بابت هئن چوي ٿو - سوال ، ڪبهي
دنيا ڪا آغاز هوا يا نهين . جواب نهين . اسان آريه ڌرم بابت
مهاشير جا لفظ ڏا هوندا يون ته " جنهن دين کي جگت سان لاڳاپو

رکندڙ ڳالهين جي بوجهہ نہ آهي سو هرگز آسماني دين نہ آهي .
(ميرپور خاص گزيٽ ١٣ جون ١٩١٥ع)

(١٣) توحيد جي هڪ اعتراض جي جواب ۾ لکي ٿو تہ "آريہ ۽ سوامي ديا نند مڃين ٿا تہ ايشور پنهنجي ٻگهر مان دنيا کي ٺاهيو سو ڪوبہ ويچاروان ماڻهو ڪو نہ مڃيندو .

تو جهڙو بي علم نہ مڃي تہ ٻي ڳالهہ مگر اسان توکي آريہ ڌرم جي مڃيل ۽ سچي ڪتاب جي حوالي سان "توحيد" ۾ اهـا ڳالهہ ڏيکاري آهي - توحيد جي عبارت هي آهي " هندو ڌرم جو ان مسئلہ بابت رايو پڙهو " يقينا برهم يا ايشور پهريان اڪيلو هو ، هن ڏٺو تہ مان اگرچہ عظيم ۽ پوڄا جي لائق آهيان مگر وري بہ اڪيلو آهيان تنهنڪري مان پنهنجي مقابلي ۾ ٻيو ديو ٺاهيندس . ان کان پوءِ تپا (رياضت يا محنت) ڪيائين تڪليفون سنائين ۽ گهڻي محنت کان پوءِ ايشور جي مٿي تي ٻگهر آيو ، جنهنڪري ڏاڍي خوشي ٿيس ، وري گهڻي وڏيڪ محنت ڪيائين پوءِ وارووار جي پاڙ مان ٻگهر وهڻ لڳس ، جيائين تہ هاڻي انهيءَ مان دنيا پيدا ڪندس (جنهين ترپوءِ انهيءَ ٻگر جي لاٽن مان دنيا پيدا ڪيائين . (گوپت برهمن ٻالڪ صف ا) اهو ڪتاب معمولي ڪتاب نہ آهي ، آرين جي اڳوڻن بزرگن جو الهامي طرح لکيل آهي ۽ سوامي ديانند ان کي معتبر سمجهيو آهي ۽ سندس ترجمہ آريہ سماج جي وڏي ليڊر پنڊت سانو ڪيهہ مهراج ڪيو آهي الخ "

انهيءَ حوالي کي هن ريت ڏاري جڏهن تہ اهو ڪوڙ آهي سو سندس لاچاري ظاهر ڪري ٿو ، تمام بهتر ٿيندو تہ اهو ڪتاب گهرائي پڙهي ۽ ڏسي ۽ ان کان پوءِ پنهنجي سماج جي ممبرن کان رايو وٺي ۽ سوامي جي ڏنل تصديق کي رد ڪري پوءِ ان کي ڪوڙو جوڙي ، باقي فقط زباني طرح ڪوڙ جڻي جند ڇڏائڻ سان ڪجهہ نہ ورندو -

قرآن پاڪ جا قسم!

ميرپور گزيٽ واري آريه جي اعتراض ۽ اونڌن سوالن جي "توحيد" هميشه پوري همت سان خدمت ڪندي اچي ٿي، الحمد الله جو جواب الاجواب جي ڏن اهو جهڙ آريه کي نه طاقت آهي ۽ نه وري انهن الزامي جوابن جي صفائي پيش ڪري سگهي ٿو جيڪي جوابن ۾ اسانجي طرفان آريه ڌرم تي سندن ڪتابن جي حوالن سان ڪيا وڃن ٿا. سندس اعتراض بازي مان اسانکي صاف معلوم پيو ٿئي ته آريه ڌرم جو خانه خراب ٿيل آهي ۽ انهي ۾ ڪاٻه اهڙي خوبي ڪانه آهي جا پيش ڪري سگهي، فقط اهو جهڙن کي ٻرغلائڻ لاءِ چند پراڻا اعتراض آهن جو وري پنهنجي جهالت کي ترپڙ تي رکي دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ پيش ڪري رهيا آهن، قرآن پاڪ ۾ قسم آهن جا؟ اهو هڪ پراڻو اعتراض آهي جنهنجو بار بار مسلمانن جي طرفان جواب پيش ٿي چڪو آهي، گذريل سال ۾ ساڳي ڏن جون مهيني واري توحيد جي پرچي ۾ انجو دندان شڪن جواب پيش ڪيل آهن جو يقينا مهاشيه ميرپوري جي نظر مان گذريو هوندو، جنهنجي جواب کان اڄ تائين آرين جي زبان خشڪ ۽ حلق گهٽيل آهي. مگر هن چالباز آريه جي چالاڪي ته ڏسو جو فقط چند بي سمجهه هندن کي ٻرغلائڻ لاءِ ميرپور گزٽ جي تازي پرچي ۾ قرآن شريف جي قسمن جي پنهنجي جهالت موجب فهرست پيش ڪري وري سنڌ جي علمائن کي استدعا ڪئي اٿس " اميد ته علماء ڳورا الله ميان جي ميدين قسمن تي روشني وجهندا".

اسان سڀ کان پهريان عربي لغت موجب قسم جي، حقيقت تي روشني وجهي ان کان پوءِ مهاشيه جيڪي آيتون پيش ڪيون آهن انهن جي تشريح ڪريون ٿا.

جاڻڻ گهرجي ته عربن ۾ رواج هو ته ڪنهن

واقعي جي صحيح هجڻ تي هو شاهدي يا ساکي ڏيئي ڪندا هوا تنهنجو واقعي جي سچي هجڻ تي پيو ته جڏهن بي جان شين کي به پنهنجي زبان ۾ شاهدي طور ڪم آڻڻ لڳا - جيڪڏهن غور ڪيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته خود اسان جي ٻوليءَ ۾ به اهڙا مثال لڀندا جئن ته چيو ويندو آهي ته " فلاڻي جي جڳائي تي ته وڻ ٽڻ به شاهد آهن" يا هن ڳالهه تي در و ديوار شاهد آهن .

هڪ عرب شاعر چوي ٿو :-

ان السماء والريح شاهدة - والارض تشهد والايام والبلد

لقد جزيت بني بدر ببغيهم - يوم الهباءة يوما ماله قود

يعني آسمان ، واءُ - زمين ، زمانو ۽ شهر شاهد آهن ته مان بني بدر واري قبيلي کي سندن بغاوت جي عوض اها سزا ڏني جنهنجو بدلو ڪونه آهي -

اهڙين شين جي شاهدي جو مطلب آهي ته اهو واقعو اهڙو آهي جو جڻ زبان حال سان اهي شيون چئي رهيون آهن ته اهو ڪم سندن سامهون تي گذريو آهي ۽ اها ڳالهه به پڌري آهي ته عربي لغت ۾ شاهدي ۽ قسم هم معنيٰ آهي ۽ هڪ ٻئي جي جاءِ تي استعمال ٿي سگهندا آهن جئن ته هڪ عرب شاعر چوي ٿو ته :- "الله يعلم ماتركت قتالهم"

يعني ته الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته مان هنن سان لڙائي بند ڪانه ڪئي آهي - هت خدا ڄاڻي ٿو شاهدي جو لفظ آهي جو قسم جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي - يعني ته الله جو قسم ته مان لڙائي ڪانه بند ڪئي آهي - اهڙي طرح قرآن پاڪ جي سورة نور ۾ شاهدي جو لفظ قسم جي معنيٰ ۾ آيل آهي - "ويدرء عنها العذاب ان تشهد اربع شهادات بالله انه من الكاذبين" اهڙيطرح سورة منافقين ۾ به انهيءَ جي تائيد موجود آهي - جڏهن اهي ٻئي لفظ هڪ ٻئي جي جاءِ تي عربي زبان ۾ عام جام استعمال ٿين ۽ ڪم اچن ٿا تڏهن ڄاڻڻ گهرجي ته قرآن پاڪ ۾ جتي جتي لفظ "واو" سان قسم آيو آهي اتي شاهدي جي معنيٰ لحاظ

۾ رکيل آهي - يعني ته الله تعاليٰ پنهنجي هيڪڙائي ۽ قدرت جي واقعن تي ٻي جان شين کي شاهد ڪري انسان کي سمجهائي ٿو ته جڏهن ڏينهن، رات ۽ سج، چنڊ - ۽ ٻيو ان قسم جون شيون سڀ الله تعاليٰ جي وجود تي شاهد آهن تڏهن پوءِ انسان کي اجايو سمجهائڻ لاءِ انهن قدرتي شين کان وڌيڪ ڪنهن دليل جي ضرورت آهي ڇا؟

هن مهاشيه پنهنجي مضمون ۾ سورة فجر جون اعتراض هيٺ آيتون نقل ڪيون آهن، جن جي صورتخطي غلط هجڻ سان گڏ ترجمو به سخت غلط آهي مگر حقيقت ۾ اهي ئي آيتون آهن جي اسان جي مطلب جي تائيد ڪري رهيون آهن، آيتن جو ترجمو آهي ته ” فجر جو وقت - ڏهه راتيون، ٻٽيون ۽ اڪيون راتيون رات جڏهن گذرڻ تي هجي ڇا انهن (قدرت جي) شين ۾ عقل واري لاءِ (خدا جي هجڻ تي) قسم آهي؟ هت قسم جو لفظ صاف طرح شاهدي لاءِ آهي يعني ته اهي شيون عقل واري لاءِ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ وجود جي شاهدي نه ڏئي رهيون آهن ڇا؟ جيئن ته هڪ عرب شاعر انهن شين کي پنهنجي محبت تي شاهد بڻائي چوي ٿو

الا زعمت ليلي انني لا احبها
بلي و ليال عشر و الشفع و الوتر

يعني ته ليلي گمان ڪري ٿي ته منهنجي ساڻس محبت ڪانهي هن منهنجي محبت تي ته ڏهه راتيون ۽ ٻٽيون اڪيون راتيون شاهد آهن جو بي خوابي ۾ گذاريندو آهيان!

سورة ”البلد“ جي آيت نقل ڪري ٿو ته ” قسم کائان ٿو آءٌ هن شهر جي جڻڻ واري ڏکيل زال جو جاول ٻار جو. لعنت الله علي الڪاذبين- آيت شريف ۾ اهڙو ڪو به لفظ ڪونه آهي جنهنجي معني هجي جڻڻ واري يا ڏکيل زال يا جاول ٻار ۽ نڪو اهڙو لفظ آهي جنهنجو ترجمو ڪجي ضمير متڪلم سان يعني ته قسم کائان ٿو آءٌ. آيت جا هي لفظ آهن لا اقسم بهذا البلد و انت حل بهذا البلد و والد و ما ولد يعني ته

(مڪي معظمه جو) ھي شھر (جو جاءِ پناھ آھي) ۽ تون ھن شھر کي فتح ڪرڻ وارو آھين سو (منهنجي قدرت تي) شاھد آھي ۽ (اھڙي طرح) پيءُ (آدم عليہ السلام) ۽ سندس اولاد به (قدرت جا) شاھد آھن ـ“ ھي آھي آيتن جو ترجمو . پنڊت ليکرام ھن تي ڪھڙو اعتراض ڪري سگھي ٿو، عقل جو انڌو آريہ سماجي پاڻ ڪجھه به نه سوچي ٿو قرآن پاڪ جھڙي مقدس بي نظير ڪتاب تي اعتراض ڪري ! سورة ” الشمس „ والليل - والضحي - والتين - والطور - والعاديات - (جنهن کي مون پنهنجي لفظن ۾ الگ بيت لکي ٿو) لکي پوءِ ھي مهاراج نوٽ ڪري ٿو ته ” ترجمو الله ميان جي ٻولي ۾ ئي ڪيل آھي “ پر ھن ويچاري کي اھا خبر ڪانه آھي ته قرآن پاڪ جي لفظن جي ڪيس پوري صورت ۾ لکي ئي ڪانه اچي ٿي سو ترجمو وري ڪٿي ڪندو ۽ الله تعاليٰ جي ٻولي ۾ وري ڪٿي ترجمو ڪيو اٿس - جاهلي پوري ارڙو به ڪانه سو ٿو مڙس ويهي ترجمو ڪري خدائي ٻولي ۾ ! اسان مهاشيہ کي عرض ڪريون ٿا ته ھو جيڪي به پنجابي آرين جي اردو سالڙن تان ترجمو ڪري ۽ ھوابون چڙي رهيو آھي ان ۾ ھڪ ته ھيتري به صداقت ڪانه آھي مفت پنهنجي جهالت کي ظاھر ڪرڻ لاءِ دنيا کي پاڻ تي نه کلائي، قرآن پاڪ جي سمجھڻ لاءِ ڪيس اجا ڪجھه گھرجي ھي ويد جا ڏوھڙا نه آھن جدھن ۾ راجا کي گھٽون ۽ ٻين ڍورن جي ٻچاءِ لاءِ ويدڪ يگوان قسم وڌا آھن . (ڏسو يجر ويد) وڌيڪ ھن بابت اوھان کي تحقيق ڪرڻي ھجي ته ھن خاڪسار جو رسالو „ قرآني صداقت “ گھرائي پڙھو جو رسالہ توحيد جي دفتر مان ٣ آنن جي قيمت سان ملي سگھي ٿو . والحمد لله اولاً وآخراً .

ھڪ آريہ جا متفرق سوال

(١) لي پالڪ ٻچو پنهنجي پٽ برابر آھي يا نه ؟

جواب ! پٽ اھوئي آھي جيڪو نڪاح واري زال مان پيدا

ٿئي ٿو باقي اسلام ۾ ڌيءُ ٻالڪ ٻچو جنهن کي ڀيڻ پٽ آهي اهو حقيقي پٽ ڪونه آهي ۽ نه ان سان شرعي طرح سڀ پٽ وارا احڪام لاڳو ٿيئين ٿا . اگرچه اسلام کان اڳ ڪفارن ۽ جهاليت جي زماني ۾ هندستان جي هندن ۽ آرين وانگي ڀيلو ٻه سمجهي ۽ حقيقي پٽ جهڙو سمجهيو ويندو هو مگر اسلام ان بري رسم کي ڪڍي ڇڏيو جو نه فقط زبان جي ڪوڙڻ سان ڪو ٻه ماڻهو ڪنهن جو پٽ ڪونه ٿي سگهي ٿو نڪو ورثه ترڪي جو مالڪ آهي. پٽ اهو آهي جو پنهنجي شادي واري زال مان پيدا ٿيل هجي ، پوءِ اهو وارث ٻه آهي ۽ انهي زال پنهنجي نهن آهي ۽ شريعت ۾ اهڙي ننهن سان شادي ڪرڻ ٻه قطعا حرام آهي، قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي ته و حلائل ابنائڪم الذين من اصلابڪم (سوره نساء) يعني ته اوهانجي حقيقي پٽن جون زالون اوهان تي حرام آهن. زباني يا اکين واري پٽ کي نه فقط مذهب حقيقي پٽ سڏڻ کان انڪار ڪري ٿو پر عقل ٻه ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ، هندو ڌرم ۾ اگرچه ڌيءَ ٻالڪ کي پٽ سڏيو ويو آهي مگر وري ٻه ان جو درجو شادي واري زال جي پٽ کان گهٽو گهٽ آهي جنن نه سگهي پٽ جي هوندي هو انهي دهراد و پئي جي املاڪ مان ڪجهه وٺي نٿو سگهي - منو سمرتي ۾ لکيو آهي ” ايک هي بيٽا ”اورس“ نام والا اپني باپ کي تمام دولت کا مالک هي وه اور ڀائيو نکو رحم سي کهانا اور کپڙا ديوي . (شلوڪ ٢٦٣ ادهياءِ ٩) اورس جي معني شلوڪ نمبر ١٦٦ ۾ دن ربت ڪري ته ” جو پنهنجي شادي شده عورت مان پٽ هجي اهو اورس پٽ آهي ۽ اهو سڀني پٽن کان وڏيڪ آهي “ ڪنهن هندو جي پي اولاد هجڻ واري حالت ۾ ڀيلو ڪجهه حصو وٺي سگهي ٿو مگر ان مان ڪٿي ثابت ٿيندو ته هو سچو ٻچو پٽ آهي ، برابر نيٺ برابر آهي. دن سوال مان اسلام تي جنهن اعتراض جي بنياد وجهڻ جو اراده وس اهو ڪري پيو ۽ انهي اعتراض جي وڏيڪ جواب جو انتظار ڪري -

سوال (٢) پٽ ڪيترن قسمن جا آهن ؟

جواب - پٽ فقط هڪ قسم آهي يعني پنهنجي حلال شادي واري زال مان جيڪو نرينو اولاد ڄمي اهو پٽ آهي - باقي سڀ ! هندو ڌرم جي موڪي خبر آهي ته ٻارهن قسمن جا پٽ ٿيندا آهن جن مان ڪنوارين ڇوڪرين مان پيدا ٿيل ۽ نيوڳي ٻچا به پٽ ڪري ليکيا ويندا - منو سمرتي جي لکئي ۽ تقسيم موجب هندو ڌرم جي پٽن جو تفصيل هن ريت آهي :-

(١) شادي واري زال مان پٽ ان جو نالو آهي اورس -

(٢) نيوڳ مان پيدا ڪرايل پٽ ان جو نالو آهي ڪشيترج -

(٣) ڪنهن کي بخشش طور ٻار ڏنل ان جو نالو آهي دتڪ -

(٤) ڪرترم (افسوس جو انهيءَ شرح منو صاحب مان ڪونه مليو - مدير "توحيد")

(٥) نطفي جي تحقيق جنهن بابت هجي خبر ئي نه پئجي ته آيا ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي اهڙي پٽ جو نالو آهي گوڙهه اتپن.

(٦) ڇڏيل ٻالي ٻالڪ انهيءَ جو نالو آهي اپ ودهه -

(٧) ڪنهن ڪنواري ڇوڪري کي پٽ ڄمي پوءِ ان ڇوڪريءَ جي ڪنهن سان شادي ڪرائي وڃي ته اهو ٻار ڇوڪريءَ جي مڙس جو ڪانين پٽ آهي -

(٨) ڪنواري ڇوڪري ڏکي ٿي هجي ۽ پيٽ واري حالت ۾ ڪنهن سان شادي ڪرائجي ته جيڪو پٽ ڄمي ته اهو شادي ڪندڙ جو سهوڙهه نالي پٽ آهي -

(٩) ڪنهن کي قيمت تي گهڻي ڪنهن پٽ بڻائجي ته ان جو نالو آهي ڪريت -

(١٠) ڪا ڇڏيل يا ڪا رن زال جيڪو پٽ پيدا ڪري ان جو نالو آهي پنربهو -

(١١) ڪو ڇوڪرو پاڻ کي ڪنهنجي حوالي ڪري ان جو پٽ بڻجي ته ان جو نالو سوم دت -

(١٢) شودر زال يا شهوت مان جيڪو بٽ جمي ان جو ناڻو آهي ٻار شوا

وڏيڪ تفصيل لاءِ منو سمرتي جي ادّهياءِ ٩ ڏسڻ گهرجي جنهن ۾ انهن جو ڪرڻ جي ورڻ ترڪ جو بيان ۽ شرح آهي، هي آهي هندو ڌرم جي آهن هندو ڌرم جا جوڪرا. هندن کي گهرجي ته اسلام تي سمجهي سوچي اعتراض ڪندا ڪن جي نه ته مسلمانن جو مذهبي جذبو نهايت سخت آهي ۽ معلوم ٿيندو هن شعر وارو:-

هر ڪه با فولاد باز و پنجه ڪرد - ساعدي سيمين خود را رنجه ڪرد

سوال (٣) آدم کان اڳي دنيا هئي يا نه!

جواب- حضرت آدم عليه السلام کان اڳ دنيا هئي يعني هي زمين آسمان پيدا ٿيل هو- وڻ ٽڻ . پکي پکڻ - وغيره موجود هوا ۽ ان کان پوءِ حضرت آدم عليه‌السلام کي پيدا ڪيو ويو- ستيارٿ پرڪاش ۾ سوال ڪري ٿو ته انسان جي پيدائش پهريان ٿي آهي يا زمين وغيره جي جواب ۾ لکي ٿو ته زمين وغيره جي جوڙ زمين وغيره کان سواءِ انسان جو رهڻ ۽ پرورش ڪانه ٿي سگهي ٿي- (باب اٺون صفحه ٢٩٤) هي اهڙا مسئلا آهن جنهنجو عقل جي پروسي تي پوريطرح جواب ڏئي سگهجي ۽ اهڙين ڳالهين ۾ گهٽ ڪري مذهبن جو اختلاف ڪونه هوندو آهي.

پيغمبر اسلام ۽ فيلسوف ٽالسٽائي

(از قلم مولانا عبدالڪريم صاحب چشتي)

رشيا ڏيهه جو مشهور معروف فيلسوف مسٽر ٽالسٽائي هڪ وڏو قابل ۽ فاضل غير متعصب شخص آهي. هن صاحب کي اسلام جي متعلق گهڻي معلومات حاصل ٿيل آهي. هن ڪيترا ڪتاب اسلام بنسبت لکيا آهن- ۽ يورپ جي وڏن وڏن جلسن ۾ هن اسلام تي نهايت سهڻا ۽ زبردست ليڪچر ڏنا آهن. سندس ليکن ۽ ليڪچرن کي روسي

زبان تان مصر ديس جي نامور عالم سليم تبعي عربي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو آهي. اسان سنڌ ۾ ليکن جو ٿورو انتخاب عام پبلڪ جي سد لاءِ عرض ٿا رکون - مسلمان ھن ليکن جو مطالع ڪري سرور ۽ روحاني لذت پرائين - ۽ غير مسلم ڀائر تعصب کي ڇڏي ڪري ڪشاده دلي ۽ ايمانداريءَ سان ھن ليکن جو مطالع فرمائين ته ڪيئن نه ڪن رشيا جو راڻو ۽ قابل فلاسفر حضور انور سالار مدني عليہ الصلواة و السلام جي جي وجود مسعود جي اعليٰ ۽ عظيم الشان هستي جو ۽ پاڻ ڪريم جي سهڻن گڻن جو اعتراف ٿو ڪري - اهو ڇو؟ ھنڪري ته مسٽر ٽالسٽائي تعصب کان پاڻ کي ڏور رکيو انصاف کي مد نظر رکيو تڏھن مٿس اسلام ۽ اسلام جي پاڪ پيغمبر صلعم جي حقيقت روشن ٿي. مھاتما گانڌي پڻ پنھنجي مشھور "ھندو مسلم اتحاد ۽ انجا علاج" واري ليک ۾ فرمايو آهي ته "ھندن کي گھرجي ته نھايت غور ۽ نيڪ نيتيءَ سان اسلام جو مطالع ڪن جيڪڏھن ھندو ايمانداري سان اسلام جو مطالع ڪندا ته ڪين به موں وانگر اسلام سان محبت پيدا ٿيندي" حالتن کي جاچڻ سان ھن ڳالھ جو پتو ٿو پوي ته يورپ ڪيتري نه قدر اسلام کان نفرت ڪئي ۽ اسلام بنسبت يورپ جي رھاڪن کي ڪھڙا نه ٻيچڙا خيال پيل ھوا ۽ ڪيترا نه اسلام تي ھنن بھتان ھڻي ڇڏا. علام ڊنٽي (عيسائي) پنھنجي ھڪ ڪتاب ۾ حضرت محمد کي رڳو عقلمند، عالي دماغ، مصلح، (ريفارمر) لکيو جنھن تي يورپ وارن مٿس ڏاڍا حملا ڪيا ۽ کيس باھ ۾ ساڙڻ جو ڏڪو ڏئي اھڙي رائي کان بيزار ڪيائون - مشھور جرمن فاضل مارٽن لوٿر حضرت محمد پاڪ جي اصولن جي ڏاڍي ساراھ ڪئي ۽ قرآن ڪريم جو جرمني ٻولي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو ته کيس تمام سخت تڪليفون ڏنيون ويون ۽ مٿس اجھي سڄو يورپ مٽيو - مسٽر ارلسٽ رمان سچ لکيو آهي ته "وچين زماني جا يوروپي ماڻھو تعصب ۽ جلد بازيءَ ۾ ناميارا ھوا اھوئي سبب آھي جو ھنن حضرت محمد کي تمام اڻ

سهائيندڙ لفظن سان ياد ڪيو آهي ” - بهرحال حق گهڻو وقت مخفي رکي نه سگهبو آهي صداقت جي برخلاف ڪوشش ڪندڙ ٿورو وقت ڪامياب رهندا آهن - ساڳي يورپ جي سرزمين تي مسٽر جان ڊيون پورٽ، گبن، اسمٿ - پيا منصف مزاج پيدا ٿيا جن متعصب ۽ ڪٽيل ماڻهن جي ڪوشش کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو اهڙن شخصن مان هڪ مسٽر ٽالسٽائي به آهي جنهن تي مسٽر موصوف لکي ٿو ته -.

„ بيشڪ (حضرت) محمد عربي عظيم الشان مصلح هو جنهن سهڻن هدايتن ۽ بلند خيالن سان سڄي مخلوق کي سجاڳ ڪيو. عرب جي وحشي ماڻهن کي توحيد جو سبق ڏنو. سندن فڪرن ۽ خيالن کي ڏاڍي پاڪ جي معرفت سان روشن ڪيو. سندن اخلاق نيڪ ۽ عمدا بڻايا. سندن دليون نرم ڪيون - (حضرت) محمد عربي ڏاڍو ذڪي الحس دانشمند، خوش اخلاق، بردبار، نوڙت وارو، خوش معامله، شريف صاف دل، با همت هو. عرب جا رهواسي سندس ننڍپڻ ۾ ئي تعظيم ڪندا هوا. (حضرت) محمد عربي حسب نسب ۽ ذات پات جا تفاوت ناس ڪري ڇڏيا - ماڻهن ۾ خدا ترسي ۽ نيڪوڪاري جا جذبات ٿو ڪيا. حضرت جن ماڻهن کي سمجهائي ڏني ته خدا پاڪ رحيم ۽ عادل آهي، دنيا سموري فاني آهي، خدا جي محبت ۽ بندگي کان سواءِ حياتي موت برابر آهي. انسان ذات جي خدمت، عيب پوشي درگذر ڪرڻ، غريبن جي امداد، نفساني خواهشن کي روڪڻ، تن پروري ۽ فضول خرچي نه ڪرڻ، نشي کان پرهيز ڪرڻ انسانيت جون نشانيون آهن (حضرت) محمد کي ڏاڍيون تڪليفون ۽ ايذا سهڻا پيا ۽ سندس ڪم ۾ گهڻيون اٽڪون وڌيون ويون مگر سندس همت ڪا نه ٽٽي. قبول ڪرڻو پوندو ته (حضرت) محمد انهن بزرگن مان آهي جن انسان ذات جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. پاڻ

هر طرح عزت ۽ احترام رکڻ جي لائق آهن.

” الفضل ما شهدت به الاعداء “

اللهم صل و سلم و بارک علیٰ سید نا و سید المرسلین محمد و علیٰ آله و اصحابه اجمعین. الله اکبر

گمنام سنجوڳيءَ کي جواب

(از قلم شيخ محمد عمر قنبر)

مهربو ر گزيٽ ۾ هڪ گمنام سنجوڳي شيخ مٺن جي نالي خط ڇپر و ڪيو آهي جنهن ۾ اسان جي قوم کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس - مٺنجو انهيءَ گمنام صاحب کي عرض آهي ته پنهنجو نالو ۽ پورو پتو ظاهر ڪري. جيئن ته اڪي ليکن وجهڻ مان سچائي نظر ڪانه ٿي اچي جڳو ته سرميدان ۾ صاف صاف پنهنجي ويدڪ ڌرم يا اسلام جي صداقت ڏيکاري - هن سنجوڳي کي خبر نه آهي ته هن وقت اسانجي سنجوڳي قوم جا ڪهڙا سهڻا خيال ۽ ڪهڙا نه چڱا ارادا آهن. هو مسلمان آهن ۽ اسلام کي وڌيڪ ڦهلائيندا وڃن.

(١) گمنام سنجوڳيءَ سؤ ٽيهن ماسا ٽيهن سان شادي ڪرڻ کي ڏاڍو ڏکيو سمجهي ٿو پر اها ڳالهه نٿو سمجهائي ته آخر انهن سان شادي ڪرڻ ۾ عقل يا ڌرم موجب ڪهڙو عيب آهي. سوٽ يا ماسات ڪڏهن به سڳي ڀيڻ ڪين آهي ۽ اها ڳالهه ظاهر آهي. پوءِ به انهن کي سڳين ڀيڻن جهڙو سمجهڻ ۽ هرٽي کي حرام چوڻ الائي ڪهڙي ڌرم ۾ جائز آهي جيڪڏهن هي صاحب ويد مان هيءَ ڳالهه ڪڍي ڏيکاريندو ته فلاڻن ۽ فلاڻن عورتن سان شادي ڪرڻ جائز ۽ فلاڻن سان ناجائز آهي، ته اسان سندس انصاف مڃينداسون. مونکي جيتري قدر معلوم آهي ته ويد ڀڳوان ۾ هي ڳالهه اصلا ڪانه ڏيکاريل آهي ته هنن عورتن سان شادي ڪرڻ جائز آهي يا هنن عورتن سان شادي ڪرڻ ناجائز آهي

هوءَ الڪل بازيءَ تي ڏڪا هڻڻ ۽ ڪنکي حلال چوڻ ۽ ڪنکي حرام چوڻ
جهالت آهي اهڙي اسلام پاڪ ۾ آهي جنهن شادي ڪرڻ جون
حدون ۽ سڳا مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن تي عمل ڪندي
تازو اسانجي سنڌ جي ڪي شيخن شهداد ڪوٽ ۾ پنهنجن سڳين سوٽين
سان شادي ڪئي آهي ۽ هين هندن ۾ سنڌ جي ڪن ۾ اهڙيون شاديون
ٿي رهيون آهن . ۽ اهڙي طرح سنڌ جي ڪن ۾ انهي اسلامي فرض جو
رواج وڌي رهيو آهي .

(٢) ڳئو ماتا جو کير پي انکي گهات ڪرڻ بي شڪري نه
آهي، پر بي شڪري هيءَ آهي جو انهيءَ ماتا کي ڇهڙن چمارن جي حوالي
ڪجي جو هو نهايت بي عزتي سان ڳئوءَ ڪٺي وجهي ڪم آڻينس يا
ڪتن جي حوالي ڪنس .

(٣) هڪ ئي ٿانءِ ۾ ڳڏجي کائڻ ۾ الائي ڪهڙو عيب آهي
منهنجي خيال ۾ ته ڳڏجي کائڻ ۾ حلال ۽ حرام جي نشاني آهي
جڏهن ته حلال مال کائيون ۽ پيا ڏور هڪ ئي آهر ۾ کائي پي سگهن ٿيون
پر جيڪڏهن ان ڪتن يا وڏيڪ ڪتن کي کاڌو هڪ ٿانءِ ۾ ڏيو ته
وڙهي وڙهي پچڙا ٿيندا ـ ها ٿي پڌاءِ ته ڳڏجي يا جدا کائڻ مان
ڪهڙو مطلب نڪري ٿو .

(٤) سنڌس خيال آهي ته مسلمان غسل نٿا ڪن ۽ نڪي ڪپڙا
سنا ٿا ڪن پاڪ گڏلا ۽ ميرا رهن ٿا ـ پر هن کي اسلام جي خبر ئي
ڪانهي آهي جو ته اسلام آيو ئي دنيا ۾ پاڪائي ۽ صفائي سيکارڻ واسطي
آهي ـ اسلام مسلمانن کي حڪم ڪيو آهي ته هو سڀڪنهن ڏينهن ۾
پنج دفعا هر هڪ عضوي کي ڌوئي پاڪ ڪري ۽ ڪپڙا پاڪ صاف
ڏڪي خداءَ جي بندگي ڪري ـ اهڙيءَ طرح سڀڪنهن هفتي ۾ جمعه
جي ڏينهن غسل ڪرڻ ۽ پاڪ ڪپڙن ڏڪرڻ ۽ خوشبوءِ مکڻ جو نهايت
تاڪيد سان حڪم آهي . پڌايو ته اهڙي پاڪائي ۽ صفائي ڪنهن
مذهب ۾ موجود آهي ؟ ممڪن آهي ڪي مروري ڪندڙ ميرا

مسلمان به ڏسجن، مگر بهراري جا هندو انهن کان گهڻو غليظ ۽ گدلا هوندا آهن. تنهنڪري عام ماڻهن جي حالت مان دليل وٺي اعتراض ڪرڻ اجايو آهي.

(٥) جوئي تو ته سالن جا سال گهرن ۾ صفائي نه ڪندا آهن - اها غلط ڳالهه آهي بامراري يا شهرن ۾ جيڪا مسلمان پنهنجي گهرن جي صفائي رکن ٿا تنهن جي مقابلي ۾ عام هندو ڪجهه به نه آهن. مسلمان اميرن جي گهرن ۽ بنگلن جي صفائي ته پڌري آهي باقي غريب مسلمان به سال ۾ ٻه دفعو پنهنجي گهرن کي ليپو پائيندا آهن پر اُهو ليپو هندن وانگي ڳئون جي ڇيڻي ۽ پيشاب جو نه هوندو آهي جو بدبوءِ سان گڏ سڪڻ کان پوءِ اُٿلي لهي پوي ٿو جنهنمان صفائي جي بدران گندگي ٿيو پوي -

(٦) سنت يا ختني ڪرڻ تي اعتراض ڪرڻ به اجايو آهي سنت ڪرائڻ ۾ هي فائدو آهي ته جيڪي انهيءَ چمڙي ۾ گندگي رهي ٿي جنهن ڪري بيمارين ٿيڻ جو امڪان آهي انهيءَ کان انسان بچي پوي ٿو- تون جو ٿو ته قدرت جي قانون جي برخلاف آهي ته مهرباني ڪري پڌاءِ ته ٻار جڏهن پيٽ مان نڪري ٿو ته ناڙي کي ڇو ٿي ڇڏي جو ڪاٽيو وڃي ٿو پڻ اهو به ساڻس شامل ڏسجي - ٻر آڱرين جي مٿان جا واڌو ڪل آهي جنهن کي نهن سڏجي ٿو اُنهن کي جو ڪاٽيو وڃي ٿو جيڪڏهن انهن کي نه ڪاٽجي ته ڪڏهن انهن ۾ ضرور ميل جمندي جنهن مان جيڙا پيدا ٿيندا. جو اوهين ٻارڻ سمجهو ٿا ته ڪيترو نقصان پهچائيندا - قدرت کي اها طاقت نه هئي ڇا جو اهي نهن به پيدا نه ڪري ها جيڪڏهن انهن ۾ نقصان به ڪونه آهي ته پوءِ ڇو ٿو ڪاٽيو وڃي. باقي سنڌجوگي صاحب ڏنو جو لکيو ته چوريون خونريزيون وغيره لکي مسلمانن ڏانهن نفرت ڦهلائي وئي آهي سا اجائي آهي ڇا ڪاته اهڙن ڪمن کي مسلمانيءَ يا اسلام سان ڪو تعلق ڪونه آهي جيڪڏهن ڪي بي سمجهه مسلمان اهڙا بڇڙا ڪم ڪن ٿا ته

اهڙي طرح هنن ٻه هزارين اهڙن ڳجهڙن ڪمن ۾ گرفتار آهن . جڏهن ڪرس الين جنهي سگهبو جا ته هندو ڌرم انهن کي اها اجازت ڏني آهي . ٻچاڙي مان ڪيس يقين ٿو ڏيان ته اسان سنڌجوڳي شيخ جناب پير سيد صالح شاه صاحب راشدي پور واري کي انجام ڏئي آيا آهيون ۽ صحيون ڏيئي آيا آهيون ته اسان پڪا مسلمان آهيون ۽ اسان جا فيصلا شريعت محمدي موجب ٿيڻ گهرجن . مونکي اميد آهي ته اهڙي انجام نامه تي اوهانجي جاجي پاسڱوت هاسات يا ٻئي ڪنهن عزيز جي ضرور صحيح هوندي پران ڪان سواء مونکي يقين نٿو اچي ته ڪو ادي سوال ڪنهن سنڌجوڳي ڪيا آهن ۾ جيڪڏهن سنڌجوڳي صاحب جا آهن ته مهرباني ڪري هيٺيان جواب ڏئي .

(۱) هر ڪ انسان کي پنهنجي مذهب ۽ ڌرم موجب خير خيرات پنهنجي روزل پڪل ڪاڏي مان ڏيڻ ضروري آهي تنهن ڪري اوهان اهڙي خيرات ٽڪالي ۾ ڏيندا آهيو يا مسلمانن ۾ ؟

(۲) اوهان جي شادي وقت ڪو برهمڻ ويدي پڙهڻ آيو هو يا ڪو ملان ؟

(۳) اوهان صاحبن جي موت ۾ وهنجارڻ ۽ ڪفن دفن مسلمانن جهڙو ٿيندو آهي يا ڪريا ڪرم هندن وانگر ؟

(۴) جواب ڏيڻ وقت اوهان نالو پنهنجو صاف لکندا .

جيڪڏهن اوهان هنن سوالن جا جواب پڌري طرح ڏنا ته پوءِ مان سمجهي سگهندس ته اوهان جو ڪهڙو مذهب آهي . پوءِ وڌيڪ بحث مباحثي جي ضرورت ڪانه رهندي .

اسانکي شفاعت جا ۽ بهشت جا مهڻا ڏئي رهيو آهين . مگر اسان کي يقين آهي ته اسانجو شافع حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم اسانجي شفاعت ڪندو . جيڪڏهن هن دنيا ۾ پنهنجي خوبصورت ۽ پاڪ دامن عورت سان آرام ۾ گذارڻ عيب نه آهي ته بهشت ۾ جنهن جو اسانکي يقين آهي ڪهڙو عيب جڙيو ؟ جيڪڏهن هن دنيا ۾ هندا

۽ ٽڏا پاڻي پيڻ ۽ ماکي کائڻ گناهه نہ آهي تہ هن ۾ڻي جهان ۾ ڪهڙو ڏوهہ ٿيندو. اسان بيشڪ الله تعالیٰ جي فضل ۽ ڪرم ۾ اُميد وار آهيون ۽ بهشت جي شوق ۾ مسرور آهيون ۽ الله تعالیٰ اها نعمت ضرور اسان کي ڏيندو.

ازان سواءِ مان هڪ ڪتاب سنڌ جي شيخن جي نسل ۽ قوم جي متعلق لکيو آهي جو جلد ڇپارايو ويندو جيڪڏهن اوهان پنهنجي ايڊريس موڪليندا تہ اوهان صاحبن جي خدمت سگوري ۾ عرض رکيو ويندو   فقط والسلام.

جلاءِ حق

از قلم علامہ مولانا قاضي سيد قاضي اسدالله شاهہ صاحب دام فضلہٗ

مي مضمون تمام ڏگهو هو جنهنجو پهريون حصو الوحيد اخبار ۾ شايع ٿي چڪو آهي ۽ هت سنڌ س اهو حصو پڌرو ڪجي ٿو جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ حضرت مولانا عبدالغفور صاحب همايوني رح عقائدن ۾ انهن ڏاڏائن جي هم خيال هو جن کي همايوني وهابي سڏي رهيا آهن ۽ هو رسمي حنفين جي سمجهہ برخلاف هو. ۽ هي مضمون انهيءَ جواب ۾ آهي جو هٿي ڏر ”هديہ اسديہ“ جي سنڌ ولي حضرت علامہ قاضي صاحب تي اعتراض ڪيا هوا.   مدير

مولانا همايوني علم الغيب واري انهي تحرير ۾ عالم الغيب جو اطلاق حضور تي جائز نٿو رکي ولو بالعطاءِ جٿين فرمائي ٿو.

سوال - سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم راعالم بالغيب گفتن جائز است يانہ جواب - علم دو جهت دارد يکي بالذات دوم بالعرض يعني بالمشاهده او ر بالمڪاشفہ او بالوحي او بالالهام او باخبار الملائڪہ. پس باول جهتہ اطلاق او بر غير حق تعالیٰ جائز نيست فانہ خاص بالله العلي العظيم و بمعني

ثاني سرورِ کائنات را گفتن درست ست وليکن چونکه احتمال اول ذاتمرست احتراز کردن از اطلاق اين لفظ ضرور است تاموهم فاسد نگردد " هاطلي ڏسو ته مولانا صاحب جو به اهو ساڳيو عقيده مولوي محمدصادق صاحب وارو آهي ۽ اطلاق عالمالغيب کان احتراز سمجهي تو توظيک بالعرض همجي ا

مولانا همايوني رحمة الله عليه عالم غيب وارى انهي تحرير ۾ رسول الله صلي الله عليه تي عالم الغيب جي عدم جواز اطلاق لاء رد المحتار مان دليل وٺي لکيو تا " قال في رد المحتار في فصل البيع من کتاب الحظر والاباحة اقول و يوخذ من قوله ولا عبد فلان منع التسميه بعبدالنبي و نقل المناوي عن الدميري انه قيل بالجواز بقصد التشريف بالنسبة والاکثر علي المنع خشية اعتقاد حقيقة العبودية کما لا يجوز عبدالدار انتهي هن عبارت مان ظاهر ٿيو ته اهڙا نالا رکڻ جن ۾ عبديت جي نسبت مخلوق ڏانهن هجي جهڙوڪ عبد النبي جو ته ان ۾ حقيقت عبوديت جي اعتقاد جو خوف آهي تنهنڪري ته غير جائز جڻبو ۽ اهو قول منع جو اکثر علمائن جو آهي .

مولوي وفائي صاحب توحيدالاسلام جي صفحه ٩٥ ۾ به اهو ساڳيو بحث آندو آهي ۽ حديث صحيح مسلم جي دليل وٺي عبدالنبي يا بنده علي يا بنده حضور جي نالي رکڻ يا اطلاق ڪرڻ کي ناجائز لکيو آهي ان تي همايوني جماعت الهمايون ۾ اچي ڪاوڙي آهي ته اهڙو نالو رکڻ جائز ۽ مولوي وفائي جهڙو تهڙو آهي . سبحان الله علامه همايوني رحه اها فتوي ڏي ته ٿيو امام اهل السنت والجماعت ۽ غريب وفائي اها ساڳي فتوي ڏي ته ٿيو وهابي لا مذهب ـ سبحانک هذا بهتان عظيم -

هاڻ اچو مولوي وفائي صاحب تي ان تي مديد مان مدد وٺي کهڙي تير بارانيءَ تي ٽٽي - اڳي مون لکيو هو ته نداء حق ۾ ته مولوي اسماعيل دهلوي کي جو مديد اسد ۾ وهابين جو بابو ڪري ڏيکاريو آهي تنهن ڪري مولوي وفائي وهابي ٿي نٿو سگهي جو ته جنهن عبارت ۾ عقيده سبحان مولوي اسماعيل کي ابوالوهابيه ڪوٺيو ويو آهي انهيءَ عبارت جو نڪو مولوي وفائي

ترجمو ڪيو آهي نڪو انجو اهو اعتقاد آهي انجي جواب ۾ همايوني جماعت هديه مان دليل ونئي لکي ٿي "جنهن صورت ۾ اوهان وهابيت جو معيار انهي عبارت کي سمجهيو آهي تہ پوءِ جو هديہ اسديہ ۾ انهين صفحہ ۷۳ ۾ ڪڏهن ٻارتي وارن کي امام الوهابيہ اسماعيل دهلوي جو هر عقيدہ لکيو اٿان پنهنجا هي الفاظ ياد ڪيو الخ -

همايوني جماعت هتي بہ هر عصرن مان مراد مولوي محمد صادق وارا ورتا آهن ۽ پاڻ کي وساري ڇڏيو اٿن هتي هر عصر ۽ هر عقيدہ مولوي اسماعيل جا اُهي هوا هن جو مهڙ مولانا صاحب همايوني هو باقي مولوي وفائي تہ ان وقت طالبعلم هو نڪو هن هديہ اسديہ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ نڪو انهي عبارت جو ترجمہ ڪيو اٿس تہ پوءِ هو ڪئن انهي هديہ جي زد ۾ اچي سگهي ٿو ۽ مولانا همايوني رحہ تہ پنهنجي فتوي ۾ مولوي اسماعيل دهلوي جي رسالہ مان دليل بہ ورتا آهن حالانڪ اسماعيل جهڙي وهابي کان مولانا کي دليل وٺڻ نہ گهربو هو مگر با وجود ان جي بہ مولوي همايوني رحہ ٿيو امام اهل سنت جو ۽ مولوي وفائي ناگردہ گناه ٿيو وهابي ۽ غير مقلد -

همايوني جماعت منهنجي هن وقت جي لکپڙہ مان مون تي اعتراض ورتو آهي تہ اوهان توحيدالاسلام کي مجموعہ حق ۽ باطل جو سمجهي ان جي تائيد جو ٿا ڪريو" الخ اها تہ عجيب ڳالهہ آهي مون تہ ڪڏهن بہ ائين ڪونہ لکيو آهي تہ توحيدالاسلام سڄو باطل آهي ۽ اهل سنت جي معتقدات جي برخلاف آهي باڪ منهنجو مقصد انهي عبارت مان اهو آهي جيڪو نداء حق ۾ لکيو اٿم تہ ڪن مسئلن ۾ آءٌ مولوي وفائي ۽ خود اسماعيل کي غلطي تي سمجهان ٿو جهڙوڪ مسئلہ سماع موتي ۽ مسئلہ استغاثہ از اولياءِ ڪرام اهل قبور تہ اهي ٻئي مسئلا علماءِ اهل سنت والجماعت وٽ مختلف فيہ آهن جنڻ تہ نداءِ حق ۾ ذڪر ڪيو اٿم. مسئلہ استغاثہ از اولياءِ الله لاءِ شيخ محدث دهلوي اشعةاللمعات ۾ عدم جو ازاستغاثہ کي قول گهڻن حنفين جو لکيو آهي

۽ اهڙيءَ طرح عبد الغني نالو رکڻ توحيد الاسلام ۾ ناجائز لکيو ويو آهي. مولانا همايوني ته ان کي اڪثر قول تي ممنوع لکيو آهي جنهن جو ذڪر ٿي آيو ۽ آءُ انهن اهڙن سان اختلاف رکان ٿو. مون جيڪي توحيد الاسلام لاءِ ڪي ڳالهيون باطل ڏيکاريون آهن سي اهي آهن جي خود علماءِ اهل سنت ۾ مختلف فيه آهن ته اهڙن ڳالهين ۾ اختلاف رکڻ ۽ مخالف جي مذهب ۽ مشرب کي باطل سمجهڻ ۾ وهابيت نه آهي. حضرت امام بخاري جو ڪتاب صحيح بخاري باتفاق امت ڪتاب الله کان پوءِ ٻيو درجو رکي ٿو مگر باوجود انجي به امام صاحب جا اجتهاد حنفي مذهب جي مخالف غير صحيح سمجهون ٿا ته ان مان امام صاحب جو اهل سنت والجماعت مان خارج ٿيڻ لازم نٿو اچي اهڙيءَ طرح توحيد الاسلام کي ڪن مسئلن ۾ غلطي تي سمجهان ٿو.

نوٽ! ايڊيٽر کي مضمون نگارن جي هر هڪ ڳالهه سان شامل راءِ نه سمجهڻ گهرجي!

عيسائيت جي تبليغ

عيسائيت جي تبليغ دنيا جي هر حصي ۾ جنهن زور شور سان ڪئي وڃي ٿي سو ظاهر آهي. ڪئي مشنون هر ملڪ ۾ مستقل طور ڪم ڪري رهيون آهن. مثال طور هڪ پراٽسٽنٽ فارين مشن جي احوال تي نظر وجهو هن صدي جي شروعات کان وٺي اڄ تائين ڪيتري ترقي ڪئي آهي.

	بابت سال ١٩٠٠	بابت سال ١٩٢٤
فارين مشين سوسائٽين جو تعداد	٥٤	٢٠٠
انهن سوسائٽين جي آمدني	١٨٣٤٥٠٠٠	١٢٠٨٢٨٠٠٠
گذريل سال جي هر هڪ سوسائٽي جي بچت		٤٤٠٠٠٠٠٠
فارين مشنري ڪم ڪندڙن جو تعداد	٤٥٠٠٠	١٣٠٠٠٠
ديسي ڪم ڪندڙ	١٦٠٠٠	٦٠٠٠٠

جن کي بپتسمہ ڪيو ويو	٤٠٠٤٩٦	١٥٠٠٠٠٠
سڪول ۽ ڪاليج	٦٢٥٢	٢٠٠٠٠
انهن سڪولن ۽ ڪاليجن جا طالبعلم	٢٤٠٢٦٣	٦٢٢٠٠٠

هوڏي عيسائيت جي تبليغ لاءِ اهي خرچ ۽ اهي ڪوششون ڏسو ۽ هيڏي غريب مسلمان ڏسو جن وٽ نڪو مرڪزي نظام تبليغ جو آهي، نہ ايترا ڪارڪن ۽ نہ پئسو. مگر قدرت خدا جي آهي جو ايترن خرچن ۽ ايتري استاف هوندي بہ ڪا وڏي ڪاميابي عيسائين کي حاصل ڪان ٿي ٿئي اگرچ بپتسمہ ٿيل ماڻهن جو گهڻو تعداد ڏيکاريو وڃي ٿو مگر اهو ظاهر آهي تہ سڀ بپتسمہ ٿيل عيسائي نہ ٿا ٿين ويچن ميلن ۾ ملاڪڙن ۾ پادري پنهنجون ڪيمپون لڳائي ويهو وهن ۽ اتي خيراتي لنگرخانا کوليو ڇڏين انهن لنگرخانن مان مفت ماني ملڻ جو شرط اهو آهي جو پادري صاحب انهي ماڻهن مٿي پاڻي جو مٿي ۽ پيشاني تي هٿ سان وجهي. اهڙي طرح گهڻائي ويچارا نيچ ذاتين وارا بڪايل بپتسمہ ٿين ٿا. مسلمانن ۾ فقط همت ۽ ايثار جي ضرورت آهي پيو حق جي تبليغ ڪنهن اهڙي زور زبردستي ۽ لالچ جي محتاج ناهي. مگر اسان کي تہ اهو ڏسڻو آهي تہ مسلمان ڪٿان پنهنجن حريفن جي ايترين ڪوششن ڏسڻ بعد بہ سراسر خاموش ويهي سگهن ٿا.

قبول اسلام

تازو جي ماڻهو جناب مولانا مولوي محمد صادق صاحب جي هٿ تي ڪلمہ توحيد پڙهي اسلام سان مشرف ٿيا آهن. انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

اصلي نالو	اسلامي نالو	ڪيفيت
گوربخش سنگهہ	محمد امين	عمر ٢٩ سال سکہ (هندو)
بلديو سنگهہ	محمد عثمان	" ٢٠ " " "

روپ سنگهه	محمد صديق	عمر ٢٧ سال راجپوت هندو
تلسي	رحمت	عمر ٣٠ سال گجراتي هندو عورت
ٻنهي	مريم ٻائي	عمر ٧ سال تلسيءَ جي ڌيءَ
امني	آمنت	عمر ساڍا پنج سال " " "
جمنا	عزيزة	عمر ساڍا ٽي سال " " "
ڀڳت رام	عبدالڪريم	پنجابي هندو عمر ٢٧ سال
وشنو	علي محمد	ڪڙمي هندو عمر ٣٥ سال
لکي	سڪينا ٻائي	مهتراڻي عمر ٢٨ سال
لوراس	محمد موسائي	ڪرستان عمر ٢٧ سال
ميناڻي	محمد صالح	هندو عمر ٢٨ سال

متفرق نو مسلم

ٻچو	الهه بچايو	عمر ٢٥ سال اڇوت ڍيڍ مولوي محمد اڪرم پديڻ جي هٿ تي مسلمان ٿيو
سوني	رحمت	عمر ١٦ ورهه " " "
خميسو	عبدالله	عمر ١٠ ورهه اڇوت " "
ڌوڪي	حوا	عمر ٣٥ ورهه ميتا هندو عورت "
خوبو	عبدالرحمن	هندو انجمن شمشير اسلام لاڙڪاڻو
منڌري	لعل محمد	" " " "
رام آسرا	عبدالرحمن	مرتد " " "
لڇمي	نور محمد	هندو متارين ۾ مسلمان ٿيو
ايسر داس	محمد صالح	عمر ٢٠ ورهه انجمن تبليغ الاسلام شڪارپور

اللهم زد فزد

وڌيڪ

تازو حضرت صاحبزاده پير آقا محمد اسماعيل جان صاحب سرهندي

(سامارہ) جي خدمت ۾ هڪ ڪرستان پنهنجي سموري اهل عيال سميت اچي مسلمان ٿيو، جنهنجو تفصيل هن ريت آهي.

اصلي نالو	اسلامي نالو	ڪيفيت
ساڌو	محمد	عمر ۳۰ سال اهل پرڀڻ هندو هو ۽ ڪرستان
ٻاٻو	طيب	ساڌو جو پٽ عمر ۳ سال
اياس	طاهر	” ” ۲ مهينا
مامون	خديجه	ساڌوءَ جي زال عمر ۲۵ ورهه
ڪيسو	فاطمه	ساڌوءَ جي ڌي عمر ۵ ورهه

انهي نو مسلم جو بيان آهي ته مونکي هندو ڌرم ڇڏڻ کان پوءِ ڪرستاني جي حالت ۾ مذهبن جي تحقيق جو ڏاڍو شوق رهيو ۽ مختلف ڪتاب پڙهڻ لڳس، آخر اسلامي ڪتابن کي ساڍن جا سال پڙهندو رهيس، نيٺ يقين ٿيو ته ساري دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو سچو مذهب آهي ته اهو اسلام آهي، آرين ڏاڍو پون لاچون ڏنيون پر اسلام جي صداقت مون کي مجبور ڪيو ۽ منهنجي مراد پوري ٿي، هي انگريزي ۽ اردو جو پورو پورو ماهر آهي.

مختلف خبرون

ولايت ۾ هڪ اهڙي دوا ايجاد ڪئي وئي آهي جنهنجي استعمال ڪرڻ سان انسان ۾ همت ۽ بهادري پيدا ٿي پوي ٿي - دوا جو اثر تمام جلد ٿئي ٿو، جڏهن اثر لهي وڃي ٿو تڏهن بدن ۾ هڪ قسم جو ٿڪ ۽ ننڊ اچي ٿي، انهيءَ دوا جو نالو ”ڪابي“ آهي جا امريڪه جي درياءَ ايزن جي ڪنارن تان اڏي اٿن ۽ هاليند ۾ انجو تجربو ڪيو ويو آهي.

* * * * * * *

مڪه معظمه جي فاتح سلطان ابن سعود غازي حجاز ۾ پنهن جو

نڪو هڪڙو ماڙي ڪيو آهي، انهي ڪري تي اڪيلو آهي "ضربت في القرني" يعني تہ هڪڙو معظم تبار ٿيو - اهو هڪو گالهہ جو آهي -

* * * * * * *

ولايت مان جمعي ذاري ٽپال آئي آهي ان مان معلوم ٿيو آهي تہ تازو ووڪنگ (انگلستان) ۾ هيٺين ماڻهن اسلام قبول ڪيو آهي .

	انگريزي نالو	اسلامي نالو
(۱)	ايڊ ورڊ ڪيلين	عبدالڪريم
(۲)	مسز ايلزبيٿ آمان	عائيشہ
(۳)	مسز گونب - ڊي - ايف - ڊي	خديجہ
(۴)	مس مارگريٽ	رشيده
(۵)	مسٽر ريچرڊ هويٽ	عبدالرحيم
(۶)	ڊي انريجل ڊاڪٽر جون هربرٽ { ملقبائي - ايم - بي - بي - ايس / سي - آر - ڪي - ايم - آر }	عبدالحميد

نمبر پنجون هڪ وڏو واپاري دولتمند ماڻهو آهي اسٽريليا ۾ رهي ٿو ۽ تازو لنڊن ۾ سير لاءِ آيو هو جو اچي مسلمان ٿيو

نمبر ۶ بہ هڪ وڏو ماڻهو ۽ ڊاڪٽر آهي ۽ اسلام سان محبت ۽ دلچسپي رکي ٿو .

* * * *

. گجرات ڪاٺياواڙ جي پيرن جي سڌارڻ لاءِ هڪڙي جلسا تي رهيا آهن، تازو هڪ هندو مسٽر امرلال جي صدارت هيٺ اتر گجرات جي علائقہ ۾ پيرن جي هڪ وڏي ڪانفرنس ٿي گذري آهي - صدر صاحب پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ڪل پيل هندوستان ۾ ۶ لک آدمي جي راجپوتانہ - سنڌ - گجرات - ڪاٺياواڙ - دکن خانديش ۽ نظام جي پرڳڻن ۾ پکڙيل آهن - پيرن کي کيتي ڪرڻ ۽ تعليم پرائڻ ۽

شراب نہ پيئڻ جي هدايت ڪئي وئي، هڪ ٺهراءُ ڪيو ويو تہ سڀ ڪنهن علائقي ۾ جتي ڀيل رهن ٿا اتي سندن هڪ پنچايت قائم ڪجي جا هنن جي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪندي رهي.

* * * *

آمريڪا جي گڏيل رياستن ۾ بي تعداد تار جي معرفت عيسائيت جي اشاعت ٿي رهي آهي، جنهن تہ سڀ ڪنهن آرتوار ڏينهن جو ٻاد رئي وارو وعظ انهي اوزار جي ذريعہ ساري ملڪ ۾ پکيڙيو وڃي ٿو، جيترا نوا گروهہ عيسائيت جو ڪم ڪن ٿا، اهي بہ لکين روپيا خرچ ڪري انهيءَ طريقہ سان عيسائيت جون خوبيون ملڪن ۾ موڪلي رهيا آهن.

* * * *

لائيڊ جارج انگلستان جي اڳوڻي وزير اعظم هڪ گرجا ۾ تقرير ڪندي چيو تہ مان هڪ سياسي آدمي آهيان پر ڪوبہ سياسي آدمي تيستائين ڪامياب نہ ٿيندو جيستائين مذهب منهنجي امداد نہ ڪندو، مذهبي طرح قومن جي اخلاق سڌارڻ کان پوءِ هنن کي سياسي طرح جڙو رکي سگهبو مذهب پهريان آهي ۽ سياست پوءِ. سڀ کان وڏيڪ اهو سياست دان آهي جو ملڪ جي خيالن جي ترجماني ڪري، پوري ترجماني نہ ڪندو تہ مذهبي ماڻهو ان تي سختي شروع ڪندا.

* * * *

آمريڪا جي ڊاڪٽر پنٽو نالي تجويز ڪئي آهي تہ جيڪڏهن شادي ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن تائين اولاد نہ ٿئي تہ اها شادي رد سمجهڻ گهرجي ۽ خود بخود طلاق پوڻ گهرجي. انهي رٿ تي آمريڪا جي زالن ڏاڍو گوڙ ڪيو آهي انهي ڊاڪٽر جي زال جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اها رٿ قانوني صورت ۾ پاس ٿي وڃي ها تہ اڄ تائين منهنجا ڪيئي مڙس مٽجن ها ڇو تہ مونکي ڊاڪٽر وٽ ٻن سالن کان پوءِ ٻار پيدا ٿيو ۽ ويهن سالن جي اندر اسان وٽ فقط ٻہ ٻار پيدا

ٿيا آهن . انهيءَ رت جي نيويارڪ جي هڪ ٻئي ڊاڪٽر تائيد ڪئي آهي مگر هن جو چوڻ آهي ته هڪ ٻن سالن جي بجاءِ پنج سال ٻڌجڻ گهرجي . هڪ عورت جا وڪيل به آهي تنهن جو چوڻ آهي ته اها رت ضرور پاس ٿيڻ گهرجي جو ته شاديءَ جو اصل مطلب آهي اولاد پيدا ڪرڻ . انهيءَ ساريءَ بحث کان پوءِ ولايت جي هڪ معزز اخبار لکي ٿي ته جو نه ائين ڪيو وڃي جو اولاد نه ٿيڻ واري صورت ۾ پورين زال هوندي ٻئي شادي ڪئي وڃي ، هڪ ذاتي معامله آهي انهيءَ ۾ قانون کي دخل ڏيڻ نه گهرجي .

اسلام جو به اهو ئي حڪم آهي . آهي ڪو جو هن ترقي جي زماني ۾ اسلام جي ترقي صداقت تي نظر ڪري .

* * * *

هماليه پهاڙ جو دنيا جي سڀني ڏونگرن کان وڏو آهي ان بابت ولايت جا محقق ڪوشش ڪري رهيا آهن ته سندس چوٽي تي پهچي سندس حقيقت جاچي ڏسجي لکين روپيا خرچ ڪيا اٿن ۽ ڪيترا ماڻهو انهيءَ ڪامي ۾ شهيد ٿام ٿيا آهن مگر هن وقت تائين هو انهيءَ ارادي ۾ سخت ناڪامياب ٿيا آهن . ميجر هنگسٽن جو انهيءَ مهم جو ماهر آهي انجو چوڻ آهي ته ستر هزارن فٽن جي بلندي تي هماليه تي هرڻن ۽ جهنگلي ٻڪرين جا ڌڻ برف جي ميدانن ۾ ڏسڻ ۾ آيا آهن . برف جي ميدانن ۾ ڪجهه ڪجهه گاهه به جابل نظر آيو ٿي جنهن کي هو کائي گذارو ڪن ٿا . هڪ جاءِ تي ايتري بلندي تي هڪ پکي جو آکيرو به ڏسڻ ۾ آيو ، ماکي جي مک . تڏهن ٢١٠٠٠ فٽن تي مٿي ڏسڻ ۾ آئي . ڪانءُ جهڙو هڪ پهاڙي پکي آهي ٢٧٠٠٠ فٽن جي بلنديءَ تي موجود هو . پيا به ڪي ئي مختلف قسم جا جانور انهيءَ برف جي پهاڙ ۾ ڏٺا ويا آهن .

" لا يعلم جنود ربك الا هو "

هن سال جو حج

الحمد لله جو مولانا شوڪت علي صاحب جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان نيٺ هن سال حج جو دروازو کليو ويو ۽ مختلف صوبن جي خلافت ڪميٽين جا نمايندا حج تي روانا ٿي ويا آهن . مرڪزي خلافت ڪميٽي ٣ هزار روپيا ۽ سنڌ خلافت ڪميٽي ٻه هزار روپيا مڪہ معظمہ جي نادار مسلمانن جي امداد لاءِ موڪليا آهن جن کي خلافت ڪميٽي جا نمايندا يعني اسان جا پنهنجا ماڻهو تقسيم ڪندا ، ان کان سواءِ دهلي جي اهل حديث جماعت ٽيهه هزار روپيا پنهنجي هم مذهب دولتمند قوم مان گڏ ڪري پنهنجي ماڻهن هٿان موڪليا آهن ۽ پنجاب جي اهل حديث ٻه هڪ هزار روپيه مولوي ثناءُ الله صاحب جي معرفت سيٺ علي جان دهلوي جي وساطت سان موڪليا آهن گويا هندستان هن سال حجاز مقدس لاءِ بالڪل تنگ وقت ۾ ٣٦ هزار روپيه نذر ڏنا آهن .

هن سال جو حج حقيقي معنائن ۾ حج ٿيندو - فريضه حج جو اصل مقصد مناسڪ حج سان گڏ آهي اتحاد عالم اسلام ، اهو هن سال ئي پورو ٿيندو نظر اچي ٿو - هندستان مان وڏا وڏا سياست دان ۽ اهل حل و عقد جا ويا آهن ۽ سلطان ابن سعود کان سواءِ شيخ سنوسي ۽ يمن جا علماءِ وغيره اتي اڳيئي موجود آهن ، اهي اهل تدبر عالم اسلام جي اتحاد ۽ اصلاح لاءِ ضرور پاڻ ۾ گڏ گوٺ ڪندا ۽ جزيرة العرب جي آزادي واري سوال کي ڪنهن نقطي تي پهاريندا -

اسان جي آرزو آهي ته هو حج جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ مدينه منوره جي زيارت کان به مشرف ٿي اچن . سلطان ابن سعود ۽ خلافت جي ڪم ڪندڙن بابت جيڪي مخلوق پرست ماڻهو غلط فهميون پکيڙي رهيا آهن انهن سمورين تان پڙدو کڄي وڃي ۽ الله تعالى باطل پرستن کي پنهنجي سخت موجب خذلان ۽ خسران نصيب ڪري -

آمين -

سنڌي ۾ ترجمه تفسير

”توحيد“ اوهانجي سامهون آهي، اوهان پنهنجي دل تي هٿ رکي انصاف ڪريو ته ساري سنڌ ۾ توحيد ئي اڪيلو رسالو آهي جو آرين جي ناجائز ۽ ڪمينن حملن جي پوري طاقت سان مدافعت ڪري رهيو آهي، اوهان کي خبر هوندي الائي نه؟ ته ميرپورخاص گزيٽ کان سواءِ سکر مان هڪ ٻي هفته وار آرين جي اخبار نڪري رهي آهي جنهن ۾ حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم تي نهايت ڪمينا حملا ڪرڻ ۾ اچن ٿا انهن جي مقابلي ۾ مذهبي رنگ ۾ جواب ڏيڻ وارو فقط هڪ هي ئي رسالو آهي. مگر افسوس جو توحيد تي هن وقت الوحيد پريس جا قريبا ٽي سو روپيا قرض چڙهي ويو آهي ۽ هڪ سو روپيه ماهوار پريس جو خرچ آهي جنهنڪري ”توحيد“ پوريطرح پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ کان عاجز نظر اچي ٿي. اسان کي خبر آهي ته سنڌ جي مسلمانن ۾ اسلام ۽ حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جو عشق ۽ محبت حد درجي کي پهتل آهي تنهنڪري هنن جو فرض آهي ته رسالو توحيد خادم اسلام جي امداد لاءِ هٿ ڊگهو ڪري پنهنجي اسلامي زندگي جو زنده ثبوت ڏين، توحيد جي امداد اوهان هن ريت ڪري سگهو ٿا ته هر هڪ خريدار نوان خريدارن پيدا ڪرڻ سان گڏ پنهنجي گذريل سال جو چندو ادا ڪندو رهي. اسانجو ناظرين ۽ همدردان توحيد جي خدمت ۾ التماس آهي ته جڏهن توحيد جي ميعاد ختم ٿيڻ وقت سندن خدمت ۾ وي پي ٿي اچي ته احسان فرمائي توحيد جي وي پي ڇڏائي هن مخلص اسلامي خدمت ۾ اسانجي حوصله افزائي فرمائين.

Printed by Kazi Abdur Rehman Mohamed Sidik B.A. at the Al Wahid Printing Press 420 McLeod Road, Karachi.

AND

Published by Moulvi Din Mohamed Gul Mohamed Wafai at the office of the Jamiat-ul-Ulema-e Sind, McLeod Road, Karachi.

هن سال جو حج

الحمد لله جو مولانا شوڪت علي صاحب جي اڻٿڪ ڪوشش سان نيٺ هن سال حج جو دروازو کلي ويو ۽ مختلف صوبن جي خلافت ڪميٽين جا نمايندا حج تي روانا ٿي ويا آهن. مرڪزي خلافت ڪميٽي ٣ هزار روپيا ۽ سنڌ خلافت ڪميٽي ٻه هزار روپيا مڪه معظمه جي نادار مسلمانن جي امداد لاءِ موڪليا آهن جن کي خلافت ڪميٽي جا نمايندا يعني اسانجا پنهنجا ماڻهو تقسيم ڪندا، ان کان سواءِ دهلي جي اهل حديث جماعت ٽيهه هزار روپيا پنهنجي هم مذهب دولتمند قوم مان گڏ ڪري پنهنجي ماڻهن هٿان موڪليا آهن ۽ پنجاب جي اهل حديث ٻه هڪ هزار روپيه مولوي ثناء الله صاحب جي معرفت سيٺ علي جان دهلوي جي وساطت سان موڪليا آهن گويا هندستان هن سال حجاز مقدس لاءِ بالڪل تنگ وقت ۾ ٣٦ هزار روپيه نذر ڏنا آهن.

هن سال جو حج حقيقي معنائن ۾ حج ٿيندو - فريضه حج جو اصل مقصد مناسڪ حج سان گڏ آهي اتحاد عالم اسلام. اهو هن سال ئي پورو ٿيندو نظر اچي ٿو - هندستان مان وڏا وڏا سياست دان ۽ اهل حل و عقد جا ويا آهن ۽ سلطان ابن سعود کان سواءِ شيخ سنوسي ۽ يمن جا علماءِ وغيره اتي اڳيئي موجود آهن، اهي اهل تدبر عالم اسلام جي اتحاد ۽ اصلاح لاءِ ضرور پاڻ ۾ گڏ ڳوٺ ڪندا ۽ جزيرة العرب جي آزادي واري سوال کي ڪنهن نقطه تي پهارينداـ

اسانجي آرزو آهي ته هو حج جي فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ مدينه منوره جي زيارت کان به مشرف ٿي اچن. سلطان ابن سعود ۽ خلافت جي ڪم ڪندڙن بابت جيڪي مخلوق پرست ماڻهو غلط فهميون پکيڙي رهيا آهن انهن سڀني تان پڙدو ڪڍي وجي ۽ الله تعالیٰ باطل پرستن کي پنهنجي سخت موجب خذلان ۽ خسران نصيب ڪري -

آ ـــمـــيـــن -

هيڏي بہ توجه ڪريو

"توحيد" اوهانجي ساٿي آهي، اوهان پنهنجي دل تي هٿ رکي انصاف ڪريو تہ ساري سنڌ ۾ توحيد ئي اڪيلو رسالو آهي. جو آرين جي ناجائز ۽ ڪميڻن حملن جي پوري طاقت سان مدافعت ڪري رهيو آهي، اوهان کي خبر هوندي الائي نہ؟ تہ ميرپور خاص گزيٽ کان سواءِ سکر مان هڪ ٻئي هفتہ وار آرين جي اخبار نڪري رهي آهي جنهن ۾ حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم تي نهايت ڪمينا حملا ڪرڻ ۾ اچن ٿا انهن جي مقابلي لاءِ مذهبي رنگ ۾ جواب ڏيڻ وارو فقط هڪ هي ئي رسالہ آهي. مگر افسوس جو توحيد تي هن وقت الوحيد پريس جا قريبا ٽي سو روپيا قرض چڙهي ويو آهي ۽ هڪ سو روپيہ ماهوار پريس جو خرچ آهي جنهنڪري "توحيد" پوريطرح پنهنجي فرض ادائي کان عاجز نظر اچي ٿي - مون کي خبر آهي تہ سنڌ جي مسلمانن ۾ اسلام ۽ حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جو عشق ۽ محبت حد درجہ کي پهتل آهي تنهنڪري هنن جو فرض آهي تہ رسالہ توحيد خادم اسلام جي امداد لاءِ هٿ ڏگهو ڪري پنهنجي اسلامي زندگي جو زنده ثبوت ڏين، توحيد جي امداد اوهان هن ريت ڪري سگهو ٿا تہ هر هڪ خريدار نوان خريدارن پيدا ڪرڻ سان گڏ پنهنجي گذريل سال جو چندہ ادا ڪندو رهي - اسانجو ناظرين ۽ همدردان توحيد جي خدمت ۾ التماس آهي تہ جڏهن توحيد جي ميعاد ختم ٿيڻ وقت سنڌن خدمت ۾ وي پي ٿي اچي تہ احسان فرمائي توحيد جي وي پي ڇڏائي هن محض اسلامي خدمت ۾ اسانجي حوصلہ افزائي فرمائين.

Printed by Kazi Abdur Rehman Mohamed Sidik. B A. at the Al-Wahid Printing Press 429, McLeod Road, Karachi.

AND

Published by Moulvi Din Mohamed Gul Mohamed Wafai, at the office of the Jamiat-ul-Ulema-e-Sind, McLeod Road, Karachi.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سهڪاري ۽ رضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪبِئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)